

محمود مغل

---

ڪهاڻيون

# ڪوهيڙي

# ۽

# ويڙهيل

# پادون

قيمت ٨ روپيا

رابيل پبليڪيشن
پوسٽ باڪس 61 لاڙڪاڻو
فون: 61644

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# oheeray main Warhial Yaddon


| | |
|---|---|
| ;ount: | 1000. (One Thousands) |
| Year: | 1982 |
| ›ɏnt: | First |
| ›rinted By: | Nizam Abbasi |
| ›rinted at: | Murtaza Printing press 5.68 P and Nairing Art Press 69-112 Pages and first 4 pags. |
| 'itle written by: | Ali Nawas Phulpoto. |

| | |
|---|---|
| ›rice: | Rs. 8.00 |


(All rights reserved by Author)

'hort stories written by: Mahmood Mughal.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آرپنا

امان،
ارپيان ٿو، مي ناقوسن ۾ وڄندڙ گھنڊڙين جھڙا،
مٺان ڪرندڙ مينهن ڦڙن ۾
ڌرتيءَ مان نڪرندڙ خوشبوءِ جھڙا
سانورا لفظ
ٿو ڏليءَ
پڪ اٿم، مالڪ، عورت لاءِ حڪم ڪيو آ ته،
جائز هجي ها ته خدا کان پوءِ مڙس کي سجدو ڪري ها'
ڇيڪڏهن
اهوئي حڪم مرد لاءِ هجي ها ته
سمجهان ٿو ته اهو تم
خدا کان پوءِ سجدو جائز آ ته ماءُ لاءِ.

مان تيج آن تون آسمان.

ممون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪھاڻين جي ترتيب


— خواهشون، حقيقتون، آئيڊيل ۽ سپنا
— شڪست
— جھونا مارڪيٽ ۾ ٻه جھونا ماڻھو
— سوچون، بند مٺ ۽ ڪاري پٽنٽ وارو
— ٻارن جو عالمي سال
— ٿڌي جنگ
— احساس
— ڏھڪ
— ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل ٻادون
— ڀڇاڻي/آتم ڪٿا جو هڪ ٽڪر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجو من ماندو

اڄ پنهنجي ڪتاب جو پيش لفظ لکندي منجهي پيو آهيان، سليقو ته انهن کي هوندو آ، جيڪي سچ پچ اديب هجن. هوشمند، اهل خرد، مان نپ جاهل انسان الائي ڇاجهه لکي سگهندس به الائي نه.

مون ڪڏهن به شعوري طور تي لکڻ جي ڪوشش نه ڪئي آ. جيڪي ڪجهه لکندو آهيان، ان مهل چڻ لاشعور جي تهن ۾ هجان، اٿين چڻ چوطرف سرءُ جا ڇڻيل پن ۽ وڏا وڏا وڻ هجن، ڪو هاڪڙي آواز سان وهندڙ، مانو پاڻي. ڪو ڪرندڙ پن ان ۾ پسيل ۽ جيئن جيئن اهو پن وهندو وڃن، تيئن تيئن مان لکندو وڃان تان جو وهڪرو ڦري، ڪو ڪنارو پن کي جهڻي وٺي. مان لکڻ بند ڪيان، ڪنهن سنڌ جي ڪناري تي، ها، ڪو مونکي سڏي ۽ مان سڀ ڪجهه ڇڏي، ان ڏانهن هليو وڃان پسيل پسيل، آلو، آلو.

ڪو وقت هو، جڏهن پرين جي ديس جي ڪهاڻيون ڪي پڙهندي، جڏهن "آڙي ڪانگ تنهنجي منيءَ کي موچڙو هڻان." ڪيڏندي ۽ جڏهن ڀين کي ڪلندي ڪلندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ‍ڙي ڪي ڪا ڳالهه ڪئي ۾ پڙهڪندي، مرڪندي ڏسي هڪ انسان پاڻ به مرڪڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پر پوءِ کيس لڳندو هو، ڄڻ هو پرين جي ديس جو ڪنو ديو هجي هڪ اڪ وارو ڄڻ هو اهوئي ڪانگ هجي جنهن جي مٽيءَ کي موچڙو لڳندو ڄڻ هو اهوئي انسان هجي جنهن جي ٻاري ۾ ڪو، ڪنهن سان ڪنن ۾ سس پس ڪندو هجي، ۽ پسوءِ ان مهل ان دعا ڪئي. ”رب سائين، ذات جو ڀڏرو ٿيڻ، حالانڪ مشڪل آ، پر پوءِ به ڪي ڪي ذاتيون ڀڏريون ٿي پونديون آهن، مونکي مون تي ڀڏرو ڪري ڇڏ“ رب سائينءَ کي شايد اهو عرض وڻي ويو، هو پنهنجو پاڻ تي کلي ويو. سندس محبتون، نفرتون ۽ هرڪا ڇٽ ظاهر ٿي چٽجي وئي، سندس اندر مان هڪ ٻيو انسان ڦٽو، ڳڏين جهڙو، شوڪيس ۾ سينگارڻ جهڙو، ۽ جيڪو پاڪ هو، بلڪل اُئين، جيئن بي بي مريم مان عيسيٰ جسو جم ٿيو هو، پاڪ صاف، بغير ڪنهن ڪٽ يا ڪنهن گناهه جي.

پوءِ اندر جو اظهار ٿيو ته ڄڻ ملوڪ منهن ۽ چنڊ چهرن جو ڪو درياهه هجي، هرڪو منهن ملوڪ ٿي ويو، هر طرف ڄڻ خوشبو ئي خوشبو هجي، ۽ اها خوشبو اهو ملوڪ رخ، سندس پنن تي وڪرجڻ لڳو، سندس پيا خوشبو ڏيڻ لڳا، لفظن جي، محبتن جي، يادن جي. لفظ سهيڙي نه سگهيا آهن، لفظ ته محبت هوندا آهن،

گڏين سان، ڪي ڪي چريا انسان جڏهن پريان شوڪيسن ۾ ڪنهن Costume يا Dressing جو نماءُ ڪندڙ گڏين سان محبتون ڪندا آهن، ته اهي گڏيون، انهن محبتن ڪي سهيڙي ته، نه سگهنديون آهن نه ۽ پوءِ جڏهن حياتي ڪاهن تي اچي وڃي، ته اسين سٿون جهونگاريندا آهيون.

”ڪير چاڙهي ڪير جيئندو تو اچڻ تائين پرين.“

اهو بار اسانکي بيحد هلڪو لڳندو آ، پنهنجو جو هوندو آ، ۽ جڏهن اسين هن دنيا ۾ هلي هلي ٿڪجي پوندا آهيون، ته ڪوهيڙن جو سفر اختيار ڪندا آهيون، ان ڏنڊ جو، جنهن سان موت جو ته Concept ئي Clear ڪونهي.

هي لفظ هي يادون، ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل آهن، ڏنڌليون، ڏٺيون، هنن پنن جي خوشبو ۽ هوائن جو آڌار اوهان جي هٿن ۾ آ، ذات جي عرفان کان پوءِ، سال گذري ويا، ان شخص کي همٿ نه ٿي، هي ساءُ ڪنهن کي سونگهائڻ جي ۽ هاڻي جڏهن ڪيس لڳي ٿو، ته گهڻي دير اهو بار ڪلهن تي کڻڻ صحيح ڪونهي، ته اهو هاڻي توهان ڏي موڪليل آ، ان اعتماد سان، ته جڏهن ڪو انسان ڪنهن اتانهين گهر جي بلڪل مٿين دريءَ مان، لنگهندڙ ڪکر ۽ گهٽين ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنهي ڪوهيڙي کي جهٽڻ جي ڪوشش ڪندو ته ان ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل ٻه يادون ضرور سندس هٿن کي ڇهي وينديون.

**محمود مغل**

٢١ آڪٽوبر ١٩٨١ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محمود مغل

سلڇڻو، سهڻو، صحتمند، گنديءَ ڪڀڙي ۾ ڏهيل ڏڪيل ڳاڙهيءَ جوانيءَ جو ڏٽي محمود مغل منهنجو پاڙيسري آهي، بلڪ در جسي سامهون در آهي. سندس ڏينهن رات ڏهيل ڏڪيل نموني سان گذرندڙ آهن. مشهور جملي ”رائد جي وقت راند ڪريو، ڪم جي وقت ڪم ڪريو“ جو اعليٰ ۽ نادر نمونو آهي. فجر جو اٿي نماز پڙهي نارٿ اسٽار جوتا پائي گرائونڊ ۾ ورزش ڪندو آهي. وقت تي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهڻ هليو ويندو آهي. شام جو دوستن سان ”هان شڪان“ ڪندو آهي، رات جو شايد پنهنجي ڪورس جا ڪتاب پڙهندو هوندو ۽ وقت بچندو هوندس ته بيو مطالعو به.
بين نوجوان اديبن جي ابتڙ جذباتي طرح تي ڳرو نه آهي. نه ايترن ڪامپليڪسز جو شڪار آهي، نه ايترو ڪامپليڪيٽيڊ ذهن جو مالڪ آهي. ذاتي طرح تي ڪيس نه خاندان کان شڪايت آهي نه سماج کان شڪايت آهي ۽ نه ادبي لڏي کان شڪايت آهي. رئندو گهٽ ۽ مرڪندو وڌيڪ آهي. وڏي سڄي جي عزت ننڍي سان پيار ڪندو آهي ۽ منهنجا چرچا گهڻا وڏي صبر سان

ٻڌندو آهي. دراصل هو ٻـن سوسائٽين جي ٽڪراءُ جو شڪار ٿيل نه آهي ۽ سندس حالت ”آسمان سے گرے کھجور میں اٹکے“ واري نـه آهي. جتي چائو آهـي، اتي ئي جوان ٿيو آهي، وڏي عذاب توڙي وڏي ثواب کان بچيو پيو آهي.

محمود پنهنجن وڏن پائرن وانگر پاڙي جو سوشل ورڪر به آهي. بجلي بند ٿي وڃي، پاڻيءَ جو مسئلو ٿي پوي تـه محمود جـي گهر جو لوهاڻـون در ضرور کڙڪي، ۽ ان تي ٻين پاڙي وارن جو ردعمل ته الائي ڇا هوندو آهي پـر آئون مطمئن ٿي ويندو آهيان تـه هاڻي ٻاهر نڪرڻ جي ضرورت نه آهي پاڻهي محمود وڃي سڄي ڳالهه کي منهن ڏيندو،

محمود سٺو ڪهاڻيڪار بـه آهي، سندس ڪهاڻين جا خاص جزا رومانس، گـل، هلڪي روشني، خوشبو، خـواب، انساني همدردي ۽ سافسٽيڪيٽڊ ڪردار وغيره آهن. محمود جي ڪهاڻين جو وڏو ڪمال اهو آهي ته هو جنهن ماحول ۾ رهي ٿو، انهيءَ ماحول ۾ سماجي طرح تي ڪوبه ايڊونچر، ڪابه دلچسپ شئي ڪوبه ڀـرپور ۽ منفـرد ڪردار نٿو مـلي، بس ائين ڪٿي ڇئجي تـه يڪسانيت جو شڪار ۽ غير دلچسپ ماحول آهـي. اهـڙي غير دلچسپ ۽ يڪسان ماحول مـان موضوع ڪڍي ڪهاڻي اڏڻ تمام ذڪيو ۽ ذهانت جو گهرو ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ هسي همراهه اهو ڪم پنهنجي ڪهاڻــيءَ جي معرفت ڪري ڏيکاري ٿو.

غير دلچسپ ماحول مان دلچسپ ڪهاڻيون ڪيڏنڌ محمود مغل جي نه رڳو ڳهر جو در زور سان کڙڪندو آهي، پر سندس ڪهاڻيون پڙهي دل جو در به زور سان کڙڪندو آهي.

عبدالقادر جوڻيجو

٣١-٨-٨١

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

ڪهاڻي، ڪهاڻيڪار جي احساسات جي اظهار جو هڪ بهترين ذريعو آهي، جنهن سان هو نه رڳو سماج جي سيني پاسن تي روشني وجهي ٿو بلڪ پاڻ جيڪي ڏسي پڙهي ٿو، انهيءَ کي لفظن جي روپ ۾ اڳين پيش ڪري ٿو جو پڙهندڙ اڳين محسوس ڪري ٿو ته چڻ هو ان ڪهاڻيءَ جو ڪو ڪردار آهي يا حصيدار آهي.

سنڌ ۾ ڪهاڻي جي ابتدا جي تاريخ تمام پراڻي آهي پر هن صديءَ جي اٺين ڏهاڪي ۾ جيڪي به ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، اهي سنڌي ڪهاڻيءَ جي عروج جي نشاندهي ڪن ٿيون. اڳين ٿو محسوس ٿئي ته نه رڳو سنڌ جي ڪهاڻيڪارن ڪهاڻيءَ کي لازوال حيثيت ڏيڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي پر پڙهندڙن به ڪهاڻي پڙهڻ ۾ دل جي گهرائين سان حصو ورتو آهي.

محمود مغل جون هي ڪهاڻيون پڻ اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي معاشري جي صحيح صحيح عڪاسي ڪن ٿيون. محمود مغل، ڪهاڻين جي شروعات ۱۹۷۴ کان ڪئي ۽ عمر جي لحاظ کان هو صرف ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکندو هو. ۱۹۷۴ع کان ۱۹۷۷ع تائين هن جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکيون، انهن مان ڏي ٻي محسوس ٿيو ته، محمود مغل کي لکڻ جو ڏانءُ آهي. هو ذات جي ڏيهه ۾ قدم رکي چڪو آهي. ان وقت تائين مون اڻين سمجهيو ته هو صرف ٻارن لاءِ لکندو پر جڏهين عن مون کي وڏن لاءِ لکيل ڪهاڻي ڏيکاري ته، آئون حيران رهجي ويس. مون نئين ٿهيءَ جي هن اڀرندڙ اديب جي منهن ۾ چتائي نهاريو ته مون کي سندس اکين ۾ همت ۽ استقلال جي چمڪ ڏسڻ ۾ آئي. ان وقت مون کي لڳو ته هن نوجوان جو مستقبل نهايت شاندار آهي.

محمود مغل جو زير مطالعه ڪهاڻين جو هي مجموعو فن ۽ فنڪار جي ڪهاڻي سهڻي جو ثبوت آهي. سندس ڪهاڻيون ٻهراڙيءَ جي ڪڪائن ڪهرن کان وٺي ماڊرن سوسائٽيءَ جي بال روم ناڻين ذري جون ترجمان آهن. سندس جذباتي طبع، قلم جي نوڪ سان نوان نوان موضوع، نوان نوان عنوان تلاش ڪيا آهن. سندس ڪهاڻين ۾ سڪن جو تفصيلي ذڪر آهي ته ڏکن جو گهرو مطالعو پڻ آهي. انسان جي پيڙا کي جنهن سبق آموز نموني سان هن پيش ڪيو آهي، انهي ڪيس چوٽيءَ جي ڪهاڻيڪارن جي صف ۾ آڻي بيهاريو آهي. منهنجي انهيءَ دعوا کي جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ مجذوب جي بڙ سمجهي ته، ڀلي سمجهي پر آئون اهو ضرور چوندس ته ايندڙ وقت ثابت ڪندو ته، محمود مغل جون ڪهاڻيون

سنڌي ادب ۾ نامياريون ڪهاڻيون لکيون وينديون. اڃا به سندس ميڊيڪل جي تعليم سندس جذبن کي روڪي ويٺي آهي ۽ جيڪڏهن هن نوجوان لاءِ ماحول سازگار هجي ته هو گهڻن پراڻن ڪهاڻيڪارن کي پٺتي ڇڏي وڃڻ جي به صلاحيت رکي ٿو.

ڀَسي جهاڄهه جمال جي، جنهن پٺتي ڀڪ،
اپر اڳانجهو ٿـو، نور انهن کي نڪ
هنڌ نه، پڇين هڪ، سدا سانئر سير ۾.
(شاهه)

انور هالائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خواهشون، حقيقتون، آڪيڊيل ۽ سپنا

مان در جي ٻاهر بيٺو آهيان. لوهي گيٽ جي پرڀان واري عمارت وڻن ۾ گم آ. اجهو ڪجهه، دير پهرين جڏهن گهنٽي وڄائي هئم تـه تمام پري چرچ بيل جو آواز پئي آيو. وقت مفاصلن کي وڌائيندو بـه آهي ته گهٽائيندو به. شايد تنهنجي گهر ۽ تنهنجي گيٽ ۾ مفاصلو وڌي ويو آهي. اڄ الاءِ ڪيتري عرصي کانپوءِ تنهنجي در تي موجود آهيان. گيٽ پلرز جو رنگ ختم ٿي ويو آهي، ڪٿان ڪٿان ڏريل بـه آهن. هڪ پلر جي مٿان گيٽ لائٽ لڳل آ، اتان وائر اندر وڃي وڏن وڏن وڻن ۾ گم ٿي وڃي ٿي. مان کيسن ۾ هٿ وجهيو ائين ئي بيٺو آهيان.

وڏي گيٽ جو ننڍڙو در کلي ٿو. هڪ ٻار اندران منڍي ڪڍي پڇي ٿو. "ڪير آهي؟"

"پٽ، انصاري صاحب آهي؟" مان هن ڏانهن مرڪي ٿو ڏسان. هو ڪجهه اڳتي ٿو وڌي اچي، ڪيس ڪارو ٽرائوزر ۽ گلابي ٽي شرٽ پيل آ، بلڪل تـو جهڙو آ. شايد اهو ئي تنهنجو پٽ آهي.

"مان طارق انصاري آهيان. چاچا ٻڌي گهر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود ڪونهي.“

هو مون سان هٿ ملائڻ لاءِ نه وڌائي. مان ڇرڪي ٿو پوان. ڇا، ڇا ٻيلا انصاري نـو اتي ٻـــ مون لاءِ مصيبتون ئي مصيبتون کڙيون ڪيون آهن. هن ننڍڙي جو لهجو، هن جو انداز....

گهڻو اڳ، تو ڏانهن ڏسندي چيو هئم ”پنهنجو اولاد انڊيڪيٽس جو خاص خيال ڪندو جان. ٻان هن ڪـي سيڪجهه سيکاريندا سين. ننڍڙي وهيءَ ۾ ئي جڏهن هو هڪ زبردست مارل ڪئريڪٽر هوندو نه، ته ماڻهو ڏسي ڇرڪي پوندا.“

۽ اڄ جڏهن خوابن جو اهو تعبير سامهون اٿـم، ته نه ڄاڻو هئم ڇرڪندڙ مان ئي هوندس.

مان هن سان هٿ نٿو ملايان، هو منهنجي هٿ جي آڱرين کي پنهنجي پنهي هٿن ۾ جهلي سونڌانهن ڏسندو رهي ٿو.

”ڊيڊي ڪراچي ويـل آ، توهان ڪو ميسيج ڏيندا مان ڇڻي ڇڏيندم. توهان فڪر نه ڪجو، مان بلڪل ياد رکندو آهيان.“ هـو مـون ڏانهـن وري غـور سان تـو ڏسي.

”پلا تنهنجي امي آهي پٽ؟“ مان ڪالڻس پڇان ٿو.

”توهان کي اميءَ ۾ به ڪو ڪم آهي ڇا؟“ هو حيرت سان مـون ڏانهن ڏسي ٿـو. ۽ ان مهل اندران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو آواز ٻڌو اچي. ها ها تون ئي ته آهين نه. مان جيڪڏهن مري وڃان ۽ حواس ختم ٿي وڃن ته به يقين اٿم، تنهنجو آواز پري کان سڃاڻي وٺان.

"طارق ڪير آ ٻٽ؟" تون اندران پڇين ٿي. منهنجي اندر ۾ ڪا شيءِ زور سان ٽڪ ٿي هڻي، الائي ڪيترن سالن کان پوءِ تنهنجو آواز ٻڌو اٿم. ننڍو هٿ ڇڏائي گيٽ ٿي اندر ٿو وڃي. سمجهيم ته در تان ئي ٻڌائيندو ته ڪو ماڻهو آ، جيڪو توهان سان ملڻ ٿو گهري، پر هو اندر وڃي ماءُ کي ٻڌائي ٿو.

تو هڪ ڀيري چيو هو "مون کي اهي ٻار بلڪل نه وڻندا آهن سن، جيڪي چيخان ڪري ڳالهائين، منهنجو ڪو به ٻار يا ٻچي، زور سان رڙيون ڪري نه ڳالهائيندو آ".

مون توکي ڏسي چيو هو "چڱو جان، پاڻ به اولاد کي اهڙي سيکاريندا سين، بس نه!" تون شرمائجي وڃي هٽين ۽............ —

"اچو، اندر اچو."

ننڍڙو وري گيٽ مان اندر ٿو اچي، مان هن سان گڏ اندر ٿو وڃان. گيٽ جي اهائي ساڳي دنيا آهي، ڪجهه به نه ڪونه بدليو آ. ساڳيون گان جون ٻاريون، ساڳيو اهو نم جو وڻ ۽ ساڳيون اهي ڏاڪڻيون. هياتيءَ ۾ ڀيريون ڀيرو پنهنجي ئي بنگلي ۾ اڙون ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيان اندر ته اچان ساڄهون دڙکي چنبيلي ورانو بيٺي آ، پورو در خوشبوءِ سان ڀڪي پيو، مان در ٽپي اندر ته اچان.

”هن پاسي“ نديڙو هٿ جي اشاري سان ٻڌائي پيو. دل چيو ته چوانس ته چو نه ٻڌائين، هتي نه پيٽ جي هر هر بلاڪ ۾ منهنجي ۽ ڪنهن ٻئي جي لاڳاپن جي ڳنڍيل خوشبو آ، هتي ئي ته مون سپنا ڏٺا هئا، بلند ترين عظيم تر، جن جو تعبير اڄ ساڄهون آ.

مان ڊرائنگ روم جو پردو هٽائي اندر ته گهڙان ڪجهه به ته ڪونه بدليو آ. اهي ئي ساڳيا گلابي رنگ جا پردا، گلابي صوفا، گلابي گلم ۽ هر شئي گلابي فرق صرف ايترو آ، جو اڳي ڪپڙن جا رنگ براؤن هئا، هاڻي اهي به گلابي آهن، پنهي پيتين تي شيڊليورس لڳل آهن، ۽ .. ....

”توهان ويهو، اسي اڄ واري ئي هوندي.“ نديڙو مون کي هڪ صوفي ڏانهن اشارو ڪري پاڻ ٻاهر هليو ته وڃي. بيلا، هي پار ڪيترو نه آئيڊيل آ، تنهنجو ۽ منهنجو آئيڊيل. ڪيترا نه مينرس ۽ اٺتي ڪيتس هن کي اچن ٿا. تون وڏي جي پڪي لڪتين٭. جنهن شيءِ جو ارادو ڪيئي ان کي حاصل ضرور ڪيئي.

مان صوفي تي آهلجي نو پوان. ڪنڌ ٽيڪ تي رکي مان چوطرف ته ڏسان، ساڄهون شوڪيس ۾ مختلف

سان ڪري ٿو سگهان ڇو جو اڄ سان پنهنجي ڏي ڊرائنگ روم ۾ ويٺو آهيان.

”چاچا، اهو منهنجو پور ٽريٽ آ. امي پهرين هڪ انڪل کان ٺهرايو هو، جڏهن مان بلڪل ننڍڙو هئس. سڀ آ نه.. مون کي پينٽنگس ڏاڍيون وڻنديون آهن.“ ننڍڙو وري به الاهه ڪڏهن اچي ويٺو آ.

نه ڇٽيو نه بيلا، تو هن کي ڪيئن نه زبردست نموني سان ريجهايو آ. ڪاش مان به ائين ئي ريجهي وڃان ها.

”ها، ها پٽ. ڏاڍو سٺو آ. بلڪل تو جهڙو آ. هو نهن.“

مان هن ڏانهن چتائي ٿو ڏسان. هن مان تو تون ڏسي ليڪا پاڻين. ڪير هوندو جيڪو ان کي محسوس ڪري نه سگهندو.

”طارق پڙهندو آن پٽ؟“ مان هن کان سوال ٿو پڇان. پنهنجي ڳالهائڻ تي پاڻ ئي حيرت زده آهيان. ڇا پيو چوان؟ ڇا ٿو چوڻ چاهيان.

”ها چاچا، مان فورٿ ڪلاس ۾ آهيان. اميءَ جي ڏي اسڪول ۾. توهان به پڪ پنهنجي ڪنهن پٽ وغيره جي سلسلي ۾ آيا هوندا. ها نه! اميءَ جي اسڪول ۾ پارنهن سٺو ڇوڪرا آهن چاچا.“ هو ننگون لوڏيندي بيحد پيارو ٿو لڳي. تو بيلا، تو نوڪري به شروع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏي. اٿين ته نه چاتو هيم، موت ۾ توکي ان روپ ۾ به ڏسندس. شايد مالي حالتن ... پر ... انحصاري ته تمام امير آ.

"امي، مون کي پڙهائيندي آ نه ته ڏاڍو مزو ايندو آ چاچا! مان هن کي ڪلاس ۾ مئڊم ۽ گهر ۾ امي چوندو آهيان. عجيب ڳالهه آ نه."

هو الاءِ ڇا چاتي چوي، ۽ مان. مان ته الائي ڪٿي وڃي پهتو آهيان.

"بيلا، پلا جيڪڏهن مان پنهنجي اولاد لاءِ ڏهه لک ۽ پيو سڀ ڪجهه ڇڏيان ته سٺو آهي. اها ڊگري ته ڪونه ڪم ڪندي" مون توکي چيڙايو هو.

"نه. مان پنهنجي اولاد کي پڙهائيندم." تو پنهنجي ڊگريءَ کي ان ڏينهن چنبي صاف پٽي ڪري رکيو. ڊگري ڏانهن ڏسندي چيو هئم "هاءِ ويچاري عورت ڪيترو به پڙهي وري به ٻار ۽ مڙس ۽ گهر."

"چو. ضروري آ ڇا ته ڊگري سونهن لاءِ ئي هجي. هي جو هيتريون ساريون عورتون پيون ڪمائين پوءِ؟" تو پرون ڳتي پڇيو هو.

"انهن لاءِ ته مجبوري آ نه ڇري ڪانه ڪا. خدا توکي پناهه ۾ رکندو، مان جو ڪمائڻ لاءِ ويٺو آهيان" مون توکي گهوريو هو.

"چڱو، نيڪ آ پر جيڪڏهن تو منهنجي اولاد لاءِ ڪجهه نه ڪيو ته مان پاڻ نوڪري ڪنديس سمجهيئه."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چڱو ڀلا ڻهيو!“ مون ٽوڪي ڏنو هو ۽ ٿو
ڪنهن فرمانبردار پر نڊر شاگرد جيان مـار کائڻ لاءِ
ڪنڌ جهڪايو هو ۽....

”رقي ٿنگون نہ لوڏ پٽ“ نانيڙي کي تون ٿي
چئين. چرڪي ٿو پوان. پريان در مان تون اندر داخل
ٿيندي ويجهو ٿي اچين. مان مڙي ٿو اٿي بيهان. تون
مون کي ڏسي ڪجھ لمحن لاءِ اتيئي بيهجي ٿي رهين.
بيلا، مجبوري ڪيڏي نہ عجيب شيءِ آ. ڪنهن ڏينهن
مان تنهنجي سڄي سرير جو مالڪ هئس، اڄ مان توکي
صرف پري کان ئي ڏسي ٿو سگهان! ڪنهن جپاني يا
چائينز سهڻي ڊيڪوريشن پيس جيان. ”تون“ تون
ڇڪين ٿي. سڄو جسم لرزش ۾ اچي، ڏڪڻي پري کان
بہ محسوس ڪري سگهجي ٿي، ”منهنجو مقصد آ
توهان...“

دل چيم توسان شڪايت ڪيان تہ ”توهان“
چو چيئي، تون چو نہ چئي پر دل تہ دل آ نہ
هميشه فضول ئي سوچيندي آ. ڪڏهن ڪا موقعي مهل
جي سوچ بہ ڪئي اٿس ۽ خاص طور تي منهنجي دل.
”ويهو.“ تون مون کي اشاري سان ويهڻ لاءِ
ٿي چئين. مان ساڳئي ئي صوفي تي ويهي ٿو رهان. تون
نانيڙي جي پرسان ٿي ويهين. هو تنهنجي شال جي
ڪنڊ کي هٿن ۾ جهلي ڳلن کي غور سان ڏسندو ٿو

رهي. مان توڏانهن ڏسان ٿو. تون هن مهل گلابي وڳي ۾ آهين. چئو، اڄ عذاب جي هر سلسلي مان گذرڻو پوندو؟ هي چاهي؟ مون کي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿو اچي.

”بيلا، گلابي ڪپڙا پائيندي ڪر. بلڪل گل پري لڳندي آهين.“

پنهنجو اهو جملو اڄ تائين ڪنن ۾ گونجيم ٿو. توکي کهڙا به ڪپڙا چونه هجن سود ٿيندو هئو ته گلابي ڪپڙا پارائيندو هوس، منهنجي ڪمزوري جو هئي. پوءِ تون گلابي ڪپڙا پائي منهنجي سامهون ويٺي هئينءَ. ان زماني ۾ ۽ هن ۾ ڪيترو نه فرق آ. اڄ تنهنجو موه منهنجي لاءِ حرام آهي. اڄ مان توڏي ڏسي به نه ٿو سگهان. تون هاڻي مسز انصاري جو آهين. مان خيال مان پڇڪي، حقيقت ۾ ٿو اچان. تون سامهون ويٺي هئين جي آڱرين کي ملائي جڪڙي، مهٺيو ٿي ڇڏين. نماڙو اتي ٻاهر ٿو هليو وڃي. شايد ڪجهه ڪيڏڻو هوندس.

مان ڳالهائڻ ٿو چاهيان، لفظ نه ٿا اڪلجن.

”بيلا، منهنجو مقصد آ، مسز انصاري ....مان....“

مان ڪجهه تو چوڻ چاهيان، نڪريم ڪجهه ٿو. مان مان ڪري اڪيون پوري ٿو ڇڏيان. ڪجهه پلڪ سانت آ. تون به ڪجهه نه ٿي ڳالهائين. مان ئي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همت ڪيان "مسز انصاري، در اصل مان..."

"انصاري صاحب، ڪراچي ويل آهن، توهان کي انهن ۾ ڪو ڪم آهي ڇا؟" تون ڀاڻ تي قابو پائي ٿي ڳالهائين- آواز وري به لرزش ۾ اچي ٿي- ڪنڌ مون وٽان ڦريل ۽ ڳچيءَ جو خم وڏيل آ- مان ڪنڌ جهڪائي تنهجي سامهون ويٺو آهيان- توسان گهڻو ڪجهه ڳالهائڻ ٿو چاهيان- همت ڪري چپ ٿي ٽوڙيان-

"بيلا مان ..."

" منهنجو نالو توهان ..." تون ڪجهه چوڻ ٿي چاهين ٿي ته تي سگهين، مان ٿي تو ڳالهايان-

"مون کي پنهنجي نالي وٺڻ کان روڪڻ ٿي چاهين ڇا- خدارا مون کي نه روڪ- ڪجهه پل مون لاءِ صرف بيلا ٿيندين؟" منهنجي آواز ۾ لرزش آ- اندر جو عذاب شدت سان نمودار ٿيڻ وارو آ، "مون کي هڪ ڀيرو موقعو ڏي بيلا، صرف هڪ ڀيرو"

"اڳين صرف افسانن ۾ ٿيندو آ، منصور صاحب ۽ مان افسانن جي هيروئن نه آهيان" تنهنجو لهجو زهر سان ڀر آ. توکي ڇا سمجهايان، ڪيئن چوان؟.

"بيلا مان توسان ڪجهه ڳالهائڻ ٿو گهران، مون کي تو ۾ هڪ ڪم آ."

"اچان ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم ۽ ڳالهائڻ لاءِ ڪا ڳالهه بچي آ ڇا"! تو ٽوڪ ڪئي؛ نه چاهيو هئم ته

وقت اهڙيءَ جاڙ ڪندو جو تنهنجي واتان اهڙا لفظ ٻڌڻا پوندم.

”در اصل بيلا .... مان ڊينمارڪ مان صرف ان ڪري موٽيو آهيان جو تنهنجي هڪ امانت مون وٽ رهيل هئي. صرف ان مون کي موٽايو آهي.“ مون کي اچا به پڪ آ، جيڪي ڳالهائڻ ٿو چاهين، نه ٿو ڳالهائي سگهان. تون چپ آهين. ڪاوڙ ڪجهه جهڪي ٿي وئي اٿئي. مان هڪ جملو ڳالهائي وري چپ ٿو ٿي وڃان ڪجهه ترسي تون ئي ٿي ڳالهائين.

”امانتون حقن سان واسطو رکنديون آهن منصور صاحب، نه منهنجو حق توهان تي آهي نه وري مان ڪا امانت ئي پائڻيان ٿي.“

مون کي تڙپ وٺي ٿي وڃي ”بيلا، خدارا ڪجهه لمحن لاءِ مون کي توهان ۽ توهين نه چئو. مڃان ٿو مان هاڻي تو لاءِ ڪجهه به نه آهيان، پر هڪ دوست ئي سمجهه ڪٺي“.

منهنجين اکين تي پاڻي پيرجي ٿو اچي، تون روئي ٿي ڏئين مون کي به ڳل آلا ٿا لڳن. مان صوفي کي ٽيڪ ڏئي اکيون پوري ٿو ڇڏيان. گهڻو اڳ بيلا ۽ مون جڏهن شادي ڪئي هئي ته زندگيءَ جا سڀ رنگ ڇڻ اسان وٽئي اچي مڙيا هئا. ڪا تمنا هئي ته اولاد جي. سال گذريا اولاد نه ٿيو. آخر معائنو ڪرايوسين ته مون

۾ نقص هو. مان علاج سان به نيڪ ٿي نه ٿي سگهيس
اسان جون خوشيون زهر ٿي ويون. ٻيلا ڪجهه ڪچندي
ڪونه هئي، پر مان ته عذابن کي محسوس ڪندو هئس.
۽ آخر ڪارهڪ ڏينهن هن مون کي ڇڙطعنو ڏئي ڪيڏيو.
”منصور، اهي انسان به ڪهڙا نه خوشنصيب آهن. جن
جي گهرن ۾ گل ڪڙندا آهن، هتي ته اجڙيل ٻاريون ئي
مقدر ۾ آهن“ ۽ ان ڏينهن ئي مون فيصلو ڪيو هو، هن
جي زندگيءَ مان نڪرڻ جو. ڪڏهن ڪڏهن صرف
هڪ لفظ ئي ادائگيءَ ۾ پوري قيمت ٻڌائي ڇڏيندو آ.
مون هن لاءِ سڀ ڪجهه لکيو ۽ طلاق ڏيئي ڊينمارڪ
هليو ويس. سال گذري ويا، پويان خبر پيم، ٻيلا شادي
ڪئي آ، ڪيس هڪ پٽ ڄاڻو آ، گلن جون ٻاريون
گلن سان ڀرجي ويون هيون، مون آئڊيل اولاد چاهيو
ته نه مليو، ٻيلا کي ته مليو نه!

مان ڏورانهين ديس ۾ به سنڌس خوشين جو اندازو
ڪري ٿي سگهيس. محبت به ڪيتري نه عجيب شئي
آ جو مفاصلا به ڪڏهن قربتون ٿيو وڃن.

حياتي اڪيلي آ ڇا ڪجي؟ منهنجي جيون ۾ ته
هر هنڌ تنهنجيون يادون ئي پکڙيل آهن، مان توکي
محسوس ڪري سگهان ٿو. ٻانهن ۾، گلن جي ٻارين ۾،
ڪلندي، ڳائيندي ۽ .... جڏهن مون توکي ڇڏي وڃڻ
جو فيصلو ڪيو هو، ان کان به ڏينهن پهرين، ڊرائنگ

روم ۾ توُن ويٺي ڪاشي پري رهي هئين ۽ مان پريان سيٽيءَ تي ليٽيو پيو هئس توکي ۽ مون کي علڻ فقير ڏاڍو وڻندو هو، مون اتي هن جو رڪارڊ اسپول تي چاڙهيو هو.

”ٽڙي پوندا ٽاريئين جڏهين ڳاڙها گل تڏهن ملنداسين“ تون ڪم چڙي، مون ڏانهن هلي آئي هئينءَ الاءِ ڇو مون توکي ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيو هو. پڪ هئم، ته ڪجهه ڏينهن کان پوءِ تون تون ڪاٺ رهندينءَ توهان تي ويندينءَ ۽ ڊينمارڪ وڃڻ کان ڪجهه ڪلاڪ پهرين اسپول تي مون ڏنو ساڳيو لانگ پلي پيل هو.

”منصور تون ڊينمارڪ کان ڪڏهن آئين“ تون پڇين تي. مون کان ڇڻ چرڪ تو نڪري وڃي.

”ڪجهه ڏي ڏينهن ٿيا.“ مان مختصرجواب تو ڏيان

”پاڪستان ڪنهن ڪم سان آيو آهين؟“ تو هاڻي ڳوڙها اکهي ڇڏيا آهن، گل آلاڻ جي ڪري هلڪا گلابي تي ويا آهن، پلڪل فريش پئي لڳين.

”ها، توسان ملڻ آيو آهيان.“ مان ڳيت تو ڏيان شايد ٻاڻ تي اڃان به ڪنٽرول ڪونهيم.

”توکي هتي نه اچڻ گهرجي ها منصور.“

”ڇو مون لاءِ هاڻي تو وٽ ڪجهه ڪونهي ڇا“ مان تو ڏانهن غور سان تو ڏسان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نه، مون توکي بلڪل وساري ڇڏيو آهي“

دل تي چئي پڇان وساريو ڏي اٿـئي، ته پوء هي هرڪا شيءِ گلابي ڇو آهي- ورهين گذرڻ کان پوء به اهي رنگ ڇونه بدليا آهن، اهو پور تريٽ ڇو اتي پيل آ.

”مون سان، هاڻي بلڪل محبت ڪانهي.؟“ مان نه چاڻ ڇو پڇي ٿو ويهان.

”نه بلڪل نه“ تون سختيءَ سان انڪار ٿي ڪرين لهجو بناوت سان پرپور اٿئي، مان آرٽسٽ آهيان، انسان جي پلڪ پلڪ کي محسوس ڪري سگهان ٿو، ايترو به سمجهي نه سگهندس ڇا. مان مرڪي ڳالهه کي لنوائڻ ٿو چڏيان.

”ڪريم ڪافي اچان به پيئندو آهين، ڪن عادت بدلجي وئي اٿئي.“ تون پڇين ٿي.

”ڪجهه ڏي ته ڪونه بدليو آ- بيلا سپ ڪجهه ڏي ته ساڳيو آ“ مان ورائيان ٿو.

”مان ڏاهي ٿي اچان“

تون ٻاهر هلي ٿي وڃين. مان ائين ڏي ويٺو آهيان، خالي خالي.

منهنجي موت دراصل جائداد لاء آهي. ڏــي مهينا ٿيا، ڊاڪٽر چارلس ٻڌايـو ته مـان آهستي آهستي ختم ٿي رهيو آهيان. بدن ۾ بلڊڪئنسر شامل ٿي وئي

اٿم. ڀڏي ڏاڍي ڪل آيم. ڪيڏو نہ زبردست مرض آ،
بلڪل تنهنجي درد جيان. صرف مون ڪي ڏي ختم
ٿو ڪري، ٻئي ڪي تہ نقصان نہ ٿو پهچائي نہ.
چڱي طرح ياد اٿم هڪ پيرو تو ۽ مون ڪيترو
نہ زبردست جهيڙو ڪيو هو.
”ڏس بيلا، اولاد کي وڏ ۾ وڏ چـا کپي. صحيح
تعليم، زبردست پرورش ۽.
”نــہ، تــہ، پاڻ هن عام ماڻهن وانگر ٿورڙي آهيون،
گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ لک ....“
”هان، ڏهہ لک، رپيا“ مون وات ڦاڙي تو ڏانهن
ڏٺو هو.
”ها جان، ڏهہ لک. پئي، ڏس نہ هو جوان ٿيندو،
پاڻ مرڻ جهڙا ٿينداسين تہ پوءِ ڪجهہ تہ هجي نہ هن
لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ لک رپيا، بنگلو، ڪار، جائداد
۽ ... “
تون الائي ڪهڙين‌ـن‌خواهشن ۾ گهيرجي وڃي هئين۽.
اڪيون سوچ ۾ ڀرپور هيئہ ۽ مون تو کي ويجهو ڪندي
چيو، ”چڱو ڀلا، ڏهہ لک بہ ڏينداسين. بنگلو، ڪار،
بس نہ. پوءِ ڪٿي مرنداسين.“
ان مهل تو منهنجي چپن تـي پنهنجو هٿ رکيو
هـو ۽ ........
”منصور، تون ڪو ڪم چٽي رهيو هئين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئون ڪافيءَ جا مگ ٽيبل تي رکندي، سنئون ٽيندي، وارن کي پنتي ڪندي ٽي پڇين.

”ڪجهه ڪٿي آيو آهيان، تنهنجي اولاد لاءِ تنهنجو پٽ ماشاءالله ڪافي پيارو آ.

هي ڪجهه سوکڙيون آهن هن لاءِ“ مان خيال مان هڪدم ٻاهر ٿو اچي وڃان. ٿوڏانهن ڏسندي مان کيسي مان ڪاغذ ڪڍي ٿو کي ڏيان ٿو. تـون وٺي پڙهي، مون ڏانهن حيرت مان ٽـي ڏسين. ”هي ڇاهي منصور؟ هي ڏهه لک رپيا، هي جائداد؛ هي .... هي طارق ڇا ڪندو؟“

”عرصو ٿيو بيلا، تو ۽ مون سوچيو هـو، پنهنجو آئيڊيل اولاد جوان ٿيندو ته پاڻ مرڻ لاءِ تيار ٿي وينداسين. پوءِ هن جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه لک رپيا ۽ ٻي جائداد ڇڏينداسين. مان اولاد حاصل ڪري نه سگهيس، توکي ته مليو نه. هي گڏ ڏٺل سپنن جو تعبير آ. ڏس نه، آئيڊيل جوان ٿيڻ وارو آ، مان مرڻ لاءِ تيار ٿي رهيو آهيان.“ مان يڪساهي الاءِ ڪيترو ڳالهائي ويو آهيان، ساهه پرجي آيو اٿم، تـون يڪو ٽي مـون کي ڏسين.

”منصور، مان هي نـه ٿي وٺي سگهان، انصاري ڇا چوندو ۽ هونئن به ....“ تون هٻڪين ٿي.

”ڏس بيلا، انصاريءَ لاءِ مـون هن ۾ خط ڇڏيو آهي. مان اڄ هتان واپس وڃان پيو.“

”ايترو جلدي“ تون پڇين ٿي.

”ڇو، مون کي رهائڻ ٿي چاهين ڇا. دراصل مان پڇي آيو آهيان بيلا، صرف طارق لاءِ، تنهنجي ۽ منهنجي آئيڊيل لاءِ. مونکي اوڏانهن موٽي وڃڻو آهي.“

”توکي ڪهڙي بيماري آ.“

”ڪجهه به ڪونهي، وهمي ڊاڪٽر آهن، مڪمل علاج ڪان سواءِ ڇڏين ڪونه. سو ڪٽي اپڊمٽ ڪيائون. بهرحال ان ڳالهه کي ڇڏ تون .... اوهه، ڪافي بس تڏي تي وئي.“

مان ڳالهه بدلائي ته ڇڏيان. ڪافي پيئندي، نظر اوچتو اسپول تي ٿي وڃيم. مان اٿي لانگ پليءِ ڏانهن تو ڏسان. ساڳيو ئي رڪارڊ آ. مٽيءَ ۽ دز سان ڀرپور شايد ڪير اسپول کي هٿ به نه لائيندو آ. سال پهرين لڳل علڻ فقير جو ”تڏهين ملنداسين.“

مان مڙي تو ڏانهن تو ڏسان، تون نگاهون ڦيرائي ٿي وڃين.

”پڙو اٿم، نوڪري به ڪندي آهين بيلا“ مان ڪنڌ ڦيرائي، ٻئي پاسي ڏسندي تو پڇان.

”ها، بس ائين ئي وقت گذاريءَ لاءِ“ تون هلڪي نموني سان مشڪين ٿي. مان توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان بيلا. تو اج به ان خواب لاءِ پاڻ کي پتوڙڻ شروع ڪيو آهي، مون کي ياد آ، تو چيو هو نه ته، تون اولاد

لاءِ نہ ڪندين تہ مان ڪنديس، شايد انصاري ....

”منصور، هيئن آ نہ تہ، اڄڪلهہ جي دور ۾ عورت ۽ مرد ٻنهي کي ڪمائڻو ٿو پوي. ڇا هي جيڪڏهن مان ... “

مان تنهنجو جملو ڪٽي ٿو ڇڏيان. نہ ٿو چاهيان تہ تون ڪو ٻيو بهانو ڪرين، ”مان هلان.“ ڪافي ختم ڪري اٿان ٿو، تون ڪاغذ واپس ٿي ڏيڻ چاهين.

”ڏس منصور“

”بيلا- مان ايترو پري ڪان آس ڪري آيو آهيان، صرف آس ڪري. دل نہ ٽوڙ- هڪ ڳالهہ ٻڌائيندينءَ؟“

”ڇٺو“ ڪاغذ اڃين ئي جهليو بيٺي آهين.

”مون کي وساري ڇڏيو اٿئي؟“ مان وري بہ الائي ڇو ٿو پڇي ويهان.

”ها، چڱي طرح سان.“ تون ڪنڌ ڦيرائي ٿي چوين.

”چڱو مان هلان ٿو.“

مان ٻاهر نڪري ٿو اچان. اندرئين در کان ٻاهر، ٽنيزو ٻاهر سائيڪل پيو هلائي.

”توهان وڃو پيا چاچا“

”ها پٽ،“ مان هن ڏانهن غور سان ٿو ڏسان.

”بيلا هي تہ بلڪل تون پئي ٿي لڳين.“ مان مڙي تون ڏانهن ٿو ڏسان. تون ڪنڌ جهڪائي ٿي ڇڏين، محسوس ٿو ڪيان اندر اڌ ٿو ٿئيم. توسان بہ شايد

اهائي حالت آ، مان ننڍڙي ڪي ڪجھ ۾ ڪٿي، هن جي
ڳل سان پنهنجو ڳل ٿو مهٽيان. منهنجي ڏاڙهي هن
جي ڳل کي چڀي ٿي، هو ڳل کي مهٽي ٿو، مان
ڪيس هيٽ لاهي، ڳل کي پٽي ٽرائوزر چڪي ٻاهر ٿو
نڪران، پويان ڏاڪٽر ڌـي ٽون بيٺي آهين، ننڍڙو به
ٿو ڏانهن هليو آيو آهي. مان ڪنڌ ڦيرائي گيٽ مان
ٻاهر نڪري ٿو اچان. اج خواب پورو ٿيو اٿم، ٻيلا،
تنهنجو آئيڊيل اولاد هاڻي جوان ٿيندو ته ڪابه پريشاني
ڪيس حاصل نه هوندي. هو جوان ٿيندو مان مرڻ لاءِ
تيار آهيان. ڇو جـو پاڻ ڇيو هو نه، تيستائين ڪونه
مرنداسين جيستائين ڏهه لک، جائداد ۽ ڪجهه پيو نه
ڇڏيون. مـان وعدي تي قائم آهيان. ٻيلا مـان هاڻي
ختم به ٿيان پيو ٿو تڏهن به اطمينان سان. مان هلندو
ٿو رهان، اڳتي، اڳتي .... اچان بـه اڳتي.

# شڪست

هن چؤ طرف هڪ نگاهه وڌي. اڃــان سج مٿانهين عمارتن کي ڪونه ٽپي سگهيو هو، ان ڪري اتي ڇانو هئي. هن وري زمين تي ڀاري ڏيڄ شروع ڪئي. ڪجهه پريرو هن جون ڪجهه ٻيون ساٿياڻيون به ساڳيءَ ڪرت کي لڳيون پيون هيون. هن پڙي جي ڪنڌ ورائي، سيني وٽ چوليءَ جي ڳچيءَ ۾ وڌي. ڪجهه لمحن لاءِ هن جون ٻانهن کي پريندڙ ڪنگڻيون ڪڙڪي پيون. ڪجهه لمحن کان پوءِ ڪڙڪو ٻواري جي گوڙ ۾ گم ٿي ويو. ڀاري هلائيندي به ڪنگڻيون وڳيون پئي، پر هن ڪرڙو ڪجهه اهڙو زور سان ٿي هنيو جو آواز دٻجي پئي ويو.

هن پـڙي جي ڪنڌ، سيني وٽ وجهندي، پنهنجي سيني ۾ ڏٺو. فخر جو احساس جڻ سندس رڳ رڳــ ۾ سمائجي ويو. سندس بدن، عورت جــي خوبصورتين جو مڪمل شاهد هو. هوءَ هئي ته ڪولهڻ، پر سونهن پرين جهڙي هئس. سيني ڏانهن ڏسندي، ڪجهه لمحن لاءِ سندس هٿ بيهجي ويو. ڪڙڪو بيٺو ته پريان ڀاري ڏيندڙ رکميءَ هن ڏانهن ڏٺو. هوءَ پنهنجو پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ۾ ئي گم هئي. رکمي کجھ پلڪ هن ڏانهن ڏسندي رهي، پوءِ رڙ ڪري چيائين "او نندري، پوهر ڪيڏي وٺ. بازر ڪـلڻ واري آ"

هوءَ اوچتو جاڳي پئي. چرڪي رکميءَ ڏانهن ڏنائين ۽ پوءِ تيز تيز ٻـهاري ڏيڻ لڳي. سندس عمر پنجٽيهن کان چاليهن جي وچ ۾ آ. رنـگ ڳورو ۽ بدن لچڪ ۽ مـوهه سان ڀرپور اٿس. عمر جي وچين حصي ۾ آ، جوڀن ايترو ڀرپـور ڪونهيس، پـر غور سان ڏسبس ته اها ڳالهه چڱيءَ طرح محسوس ٿيندي ته هـوءَ ڪنهن زماني ۾ بلاشڪ حسن جي راڻي هوندي،

هن جون ٻئي ٻانهون اڇين ڪنگڻين سان ڀريل آهن ڪي ڪنگڻيون آهن، ڪـي ڪڙا. هٿ جـي پٺيءَ تي ڊيل جو نشان اڪريل اٿس. ساڏو ساڏو اهو نشان، هن جي هٿ جي سونهن ۾ اجان بـه اضافو ٿو ڪري ڇڏ ڪنهن اڇي اجري ڪپ تي ڪو هلڪو ساڏو ڪائيءَ جو ذرو مسجي. هوءَ مـــرڪي پنهنجن هٿن ڏانهن ٿـي ڏسي.

بـزار جـو اهـو ٽڪرو، جتي هـوءَ ۽ هن جـون ساهيڙيون پٽ تي ويهي پنهنجي پنهنجي سامان جو وڪرو ڪنديون هيون، صاف ٿـي چڪو هو. هن ڀرسان رکيل ڳوڻ جو ٻڌل منهن کـولڻ شروع ڪيو. روز پٽ تـي شيون پٿاري وڪڻڻ کـان پـوءِ، ان مهل جڏهن بـزار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند ٿيندي هئي، هو سڀ اهــي بچيل شيون ڳــوڻ ۾ وجهي بند ڪري، گهر ڪٺي ويندڙيون هيون ۽ پوءِ وري صبح جو دوڪان کلڻ مهل اها پوري ساڻن گڏ هوندي هئي.

پوري کوليندي هن جا هٿ وري ڏيرا ٿــي ويا. خيالن ئي خيالن ۾ هوءَ الائي ڪٿي وڃي پهتي. هڪ هٿ، پوريءَ ۾ ۽ هڪ هٿ ڪــاڏيءَ تي رکيو، هوءَ الائي ڇا ڇــا سوچيندي رهــي. هڪ دفعو وري رکميءَ کيس هوش ۾ آندو.

”ڏس ننڊري، کوابن کي ورچڻ تي گهرين ته گهر وڃي رلي پاءِ. هت نه ماڪڙ مارِ ها، هٿ اچين ته ڪي ته وڪرو ڪر وڪرو. واندي نه ويهه.“

هوءَ کيس چڙبيندي پنهنجي هٽڙيءَ ڏانهن هلي وئي. رکميءَ جي چڙٻڻ کيس هوش ۾ آندو. هن ڳوٿي کولي وڇائي ۽ پوريءَ مان مختلف تيڙ ڪڍي، پاسي ڪان سجائڻ شروع ڪيا. ڦٽيون، مساڳ، سيون، لپ اسٽڪ هلڪا سلڪا صابڻ ۽الائي ڇا ڇا. هن سامان ناهي، پوريءَ کي چوڏو ڪري ويڙهي، وڇايل ڳوڻ جي مٿان رکيو ۽ پاڻ ان تي ويهي رهي.

مختلف ماڻهو هن جي سامهون لنگهندا رهيا. هــن مهل بزار ڪجهه ڪجهه ڀري هئي. هــن جي سامهون ۽ پٺيان وارا دڪان کلي ريا هئا. دڪاندارن دڪانن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شڻرن ڪي ڪوليو پٽي تہ عجيب قسم جا ملبل جليل - آواز پيدا ٿي رهيا هئا.

”ها ڦٽي گهٽي آ.“

هڪ نوجوان ڇوڪرو هن جي سامهون بيٺو هو. سوٽ قميص ۽ اکين تي چشمو.

”ڪهڙي؟“ هن پڇيو.

پڇڻ تائين نوجوان جو مڪمل جائزو وٺي چڪي هئي.

”او .... هوءَ.“

هو جهڪيو. ڦٽي ڪڍڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ هوءَ بہ وڌي آئي. نوجوان جون نگاهون هن تي پٽڪڻ لڳيون. هوءَ جهڪي تہ جسماني اپار بہ واضح ٿي ويا. هو هڪدم گهبرائجي ويو. نندريءَ مرڪندي ڦٽي کنئين ۽ هن ڏانهن وڌائي.

”اچي، ڏيڊ رپئي جي آ، وٺند ين؟“

هن مرڪندي نوجوان ڏانهن ڏنو. ڇوڪري ڪجهہ نہ ڪڇيو. هوءَ سڌي ٿي ويئي. ويهندي ويهندي چالاڪيءَ سان چوليءَ ڪسي ٿورو اڳيو ڪري ڇڏيائين. ڇوڪري کيسي مان پئون ڪڍيو ۽ پئسا ڪڍڻ لڳو. نندريءَ ڦٽي نوجوان ڏانهن وڌائي، هن پئسا ڏانهنس وڌائي هڪ دفعو وري چوليءَ ڏانهن ڏٺو ۽ ڦٽي کڻي هليو ويو.

پنهنجي سڄي براد ريءَ ۾ هوءَ سڀني کان گهڻو ڪمائيندي هئي. پهر ڏين پهر ڏين هوءَ بہ پئين جيتري

ڪمائي ڪندي هئي، پر پوءِ هڪ ڏينهن هن تي راز کليو هو سندس سونهن جو. جڏهن هن کي اوچتوئي اوچتو اهو احساس ٿي ويو ته ڪيترائي چهرا صرف هن کي ڏسڻ لاءِ ڪانئس شيون وٺندا آهن، نه ته اهي ساڳيون شيون ته ٻين وٽ به موجود هيون، ان ڏينهن کان وٺي هن ڪمائڻ جو نئون گر سکيو هو.

مختلف گراهڪن کي شيون ڏيڻ مهل هوءَ جهڪي پنهنجي بدن ۾ خم پيدا ڪندي هئي. ڪا شيءِ وٺائڻ مهل، ڪجهه ڏيڻ مهل، هن جا سرڪندڙ چپ ۽ چلڪندڙ سونهن، وٺندڙن کي ماري وجهندا هئا. هوءَ پنهنجي سونهن کان هر طرح سان باخبر هئي ۽ ڪيس ان مان ڪم وٺڻ جو پورو پورو ڍنگ هو. گراهڪن سان ڳالهائڻ مهل هن جو هٿ ٻنيءَ وٽ پهتي ويندو هو، چولي ڪجهه ڍري ٿي ويندي هئس، جسماني خم واضح ٿي ويندا هئا ۽ پوءِ وٺندڙ اتان ڪجهه نه ڪجهه وٺڻ تي مجبور هوندو هو. هوءَ پنهنجي ڪاميابيءَ تي نازان هئي. ڪنهن جو بس ته سندس جيترو وڪرو نه ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ اڇي خيالي دنيا وسائيندي هئي. سوچون اچي ورائينديون هئس. اڄ به اها ئي حالت هئس، ان حالت ۾ رکمي هن کي هوش ۾ آڻيندي هئي، پر هوءُ مجال جو مڙي. ان ڏينهن وڪرو به گهٽ ٿيندو هئس ۽ گهر وڃي

رڪميءَ جا ڳالهاڻ بہ پڌندي هئي. بازار ۾ اهو ٽڪرو
هتن جـو هو. ڪو بہ گراهڪ اندر ايندو هو يا اتان
لنگهندو هو تہ هو ان کي گڏ جـي پڪاريندين هيون.
ان ۾ هوءَ سدائين ڪتي ويندي هئي.

ڪجهہ ڏينهن کان وٽي هن محسوس ڪيو هو تہ
هن وٽ گراهڪ هاڻي گهٽ پئي آيا. ڪجهہ ڏينهن
کان قبيلي جي نئين ڇوڪريءَ جو هٽ ڏاڍو هليو هو.
سندن قبيلي ۾ رواج هو تہ ڇوڪري گهٽ ۾ گهٽ
پند رهن سالن جـي ٿئي تـہ پوءِ بازار ۾ وڃي وڪر
وڪڻي. رمنا بـہ پندرهن ورهين، هن سال ئي ٽپيا هئا.
هوءَ حسين نـہ هئي، پـر سندس ڳالهاڻ نقش، ۽ بدن
پرپور هئا. نندريءَ کي الائي ڇو هن کان خوف ايندو هو.

هوءَ وري سڌي ٿـي ويئي. ڪيترا ئـي گراهڪ
لنگهيا پئي. پيون هتـن کـي ڪيڏي ڪيڏي مهل سڏ
ڪري رهيون هيون. هوءَ بہ سڏڻ لڳي.

”او بابو، او سائين، ڇوڙيون کپنو، ڪڙا ڪـزيد
ڪندا.“

اڄ تہ چڻ ڪو هن ڏانهن آيو ئي نہ پئي. هن جي
ڪنن ۾ رمنا جا لفظ لهي آيا. اڄان ڪالهہ ئي تـہ
وڪري تي سندن جهيڙو ٿيو هو. هوءَ ان ڳالهہ کـي
برداشت نہ پئي ڪري سگهي تـہ ڪا ڪالهوڪي
ڇوري، ڪانئس وڌي وڃي. هن ڳوٺ وڃي رمنا کـي

الائي چا چا چيو هو، جنہن مان جهلي لوڏا ڏئي دڙڪا ڏنا هئائينس. رمنا صرف هڪ جملو چيو هئس ”نندري، وڙهين ڇــو ٿي؟ مون تو کــي ڇا ڪيو ؟“

۽ ان مهل سڀ هن جي ڪڍ پئجي ويون. خود رکمي ۽ بہ رمنا جــو پاسو ڪنيو هو.

”تو کي رمنا ڇا ڪيو نندري. هن تہ پاڻ لاءِ ڪمايو، توکي تہ ڪونہ چيائين ڪجهہ.“

هوءَ چپ ٿي وئي هئي. ڪجهہ بہ ڇا هاء ۽ پوءِ صبح جو ڪم تي ايندي رمنا هن کــي ويجهو اچــي چــيو هـــو.

”تون هاڻي ڪلاس تي وئي آهين نندري، سٺا ڪلاس. هاڻي تنهنجي ڪمائڻ جا ڏينهن ناهن. تو کي جيڪي ڪمائڻو هــو، تو ڪمايو، هاڻي منهنجو ٽيم آ. مــون کــي بہ ڪمائڻ جو ڍنگ اچي ٿو.“

نندري ڪجهہ بہ ڪچيءَ نہ سگهي هئي. ڪجهہ لمحن لاءِ چپ ڏڪڻي وئي وئي هجيس. هن پنهنجو پر پور جائزو ورتو هو. ۽ محسوس ٿيو هئس تہ سندس وجود مان جواني نڪري وئي هئي. هوءَ اڃان بہ جوان هئي، پر سندس مقابلو رمنا سان نٿي ڪري سگهيو.

هن رمنا جون ٽوڪون پڌيون، ڪجهہ سوچڻ نہ ٿي گهريــو. ســاڳ ۽ ٻيون شيون گهٽيون واپرائڻ شروع

ڪيون هٿائين. رمنا وري به هن تي ڪلندي هئي،
زهر پيري مرڪي. پر هن هار نه ٿي مڃي.
”نندري، ڏکيون سيون اٿئي، سوڙ ڪي سبڻ
واريون.“ هن ڪان ڪنهن پڇيو. هوءَ وري چرڪي
پئي. ڏنائين. سامهون روشن بيٺو هو. هو سندس چاتل
سڃاتل گراهڪ هو. هن مرڪندي انڪار ڪيو.
”نه. ڪونهن. پر تمس پلا، مان پڇان ٿي.“
هن رڪميءَ کي سڏ ڪيو. هونئن اڻين ڏي ٿيندو
هو، هن وٽ جيڪڏهن ڪا شيءِ نه هوندي هئي ته
هوءَ ان کي پين ڪان وٺي گهرائي ڏيندي هئي.
”او بابو، چا کپئي؟ مون وٽ اچ.“
روشن ان بازار جو پراڻو گراهڪ هو. سدائين نندريءَ
ڪان شيون وٺندو هو. نندريءَ کي پڪ هئي ته هو
ڪيڏانهن نه ويندو. هن رڪميءَ ڪان سيون گهر يون.
”رڪمي، ڏکيون سيون ته ڏي.“
”هتان اچي کڻي وڃ.“

هوءَ اٿي سيون کڻي موٽي ته روشن اتي ڪونه هو
هن ڏٺو، پريان رمنا روشن کي سيون ڏئي رهي هئي. اهو ئي
ساڳيو نمونو، اهو ساڳيو ئي بدن جو خم، ڪليل
سينو، چلڪندڙ حسن ۽ الائي چا چاه روشن، رمنا سان
مرڪي ڳالهائي رهيو هو. هوءَ به ڳالهائيندي رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گراهڪ جي وچڻ ڪـان پوءِ هن تـوڪ طور نندريءَ ڏانهن ڏسي، ڪنڌ ڦيري ڇڏيو.
نندريءَ جي اندر ۾ چڙ ڪا شيءِ تڻي پئي هجي. هن ڪان چڙ اهو سڄو فن وسري ويو. هن جي دل چيو رمنا کـي چندن ڪان جهلي ڪا مار ڪڍي، پر هوءَ اتي ڏسـي ماٺ ڪري ويهي رهي. اڪيون پرجي آيون هئس. هن کي لڳو، چڙ هوءَ هارائجي وئي هجي.
هٿ وڌائـي پنهنجي چوليءَ کي پنهان سوڙهو ڪري بدن ڍڪي ڇڏ يائين: سامهون ڪيترا ڏي گراهڪ پئي آيـا. هـن بـه ٻين وانگر سڏڻ شروع ڪيو. سڏ ڪندي، هـن کـي محسوس ٿيو، چـڙ سندس آواز بـدلـجـي ويـو هـجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جهونا مارڪيٽ ۾ به جهونا ماڻهو

هو بازار مان لنگهي رهيو آهي. چئن ئي طرفن غور سان تو ڏسي. اڳيان، پويان، ساڄي ۽ کابي. هن کي اڄڪلهه جو 'سستو مال' وٺڻو آهي ۽ ان مقصد لاءِ ئي هو هر هڪ گاڏي ڏانهن ڌيان سان تو ڏسي. بازار ۾ ڏاڍو گوڙ آهي، خاص طور تي گاڏن وارا تمام ڪاڪڙو پيا ڪاڙين. هو شور کي پسند نه ڪرڻ جي باوجود به هلڻ تي مجبور آهي. ڪيس پئس لاءِ ڪجهه ريڊي ميڊ قميصون ۽ امريڪن جين جون ڪجهه پئنٽون وٺڻيون آهن. عام دڪانن تي ته اهي هزارن ۾ ڳالهائينديون آهن، پر جهونا مارڪيٽ جي گاڏن تي اهي سستيون ملي وڃن. هو واچ ڏسي تو: 'پوڻا ٻارنهن ٿيا آهن. خير مون وٽ ته ڪافي ٽائيم آهي، آرام سان ڏسندو هلان ڪهڙي ٽڪڙ اٿم.'

هو گاڏن کي ٽاڙيند و اڳتي وڌي ٿو. ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل ڪنهن ڪنهن گاڏي تي، جيڪڏهن ڪا جهلڪ نظر اچيس ٿي ته ان کي وڃي ڦقولي ٿو، پر وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسند جـــي شيءِ نـــہ ملـڻ تـــي مايـــوس ٿـــي
اڳتـي ٿـو وڃي.

هو پڪي عمر جـو آهـي. لونڊڙين وٽان اچا وار، مٿي جـي ڪارن وارن لاءِ چغلي ڪائي رهيا آهن ته هن ڪيس ڪيو آهي .نقش هلڪا ۽ رنگ سانورو اٿس، هو هڪ عام مرد آهي. دل ئي دل ۾ چـور ٿو پائئي 'جيڪڏهن هتي ڪو واقفڪار ڪنهن گاڏي تي قميصون ڦڦوليندي ڏسي ورتو تہ چا چوندس ؟'

پـر وري پاڻ کي مطمئن ٿو ڪري 'چا وري چا چوندس. پڏائيندو سانس تہ ان گاڏي تي ڪلهہ منهنجو پٽ پئسا ڪيرائي ويو هو، سي ڳٽڻ آيو هئس. پر اڄڪلهہ گاڏن تي ڪير ٿـو پسا ڪير ائيند و وتـي. مون کي ڪو مضبوط بهانو ڳولڻ گهر جـــي. پر مان بهانا چو ٿو ڳوليان. ڪنهن ڏسي ورتـو تہ بہ پئي ڏيئي ٻيهندس ٻيو چا ؟'

هو ڪلها جهٽڪي بيفڪرن وانگر هلڻ ٿو لڳي. وري سوچون ذهن ۾ ٽپي پونس ٿيون: 'ڪنهن ڪـــي خبر تہ ڪونہ پوندي تہ ڪو مان جهونا مار ڪيٽ ۾ قميصون وٺـڻ آيو هوس. پـــر ڪنهن کي ڪهڙي خبر تـہ مان هتي چـو آيو آهيان. پوءِ مان چو ٿو شڪ ڪيان تہ ڪو مون تي ڪلندو.'

هو خيالن کي جهٽڪي هڪ گاڏي تـي پيل قميص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي هٿ ۾ جهلي هن جي ٽڪن وغيره کي جاچڻ ٿو لڳي. گاڏي وارو ڇوڪرو هن کي ڏسي، هوڪن ۾ واڳارو ٿو ڪري ڇڏ هن کي انتظار ڏي هن جو هو.

”انگريزي مال، ڀريون پيرو. سؤ جو مال ٿي ٿيو رپيا.“

هو هڪ ٻه قميصون اٿلائي پٿلائي ٿو ته ڪيس ڪلهن تي ڪنهن جو هٿ ٿو محسوس ٿئي. چرڪي پويان ڏسي ٿو ته ڪو همراهه سڏيس پيو، ”مريد صاحب.“

هو مڙي ڏسي ٿو، غلام حسين بيٺو هو.

”غلامون تون، تون هتي ڪيئن.“ هو ڪِڪو وڪو ٿي غلامونءَ سان ملي ٿو. دل ئي دل ۾ سوچي ٿو: هن کي ته هينئر ۽ هتي ڏي ملڻو هو.

”بس سائين روز گار لاءِ ڀٽڪنل آهيان، هي گاڏڙو منهنجو ئي آهي.“

هو واڱڻو ٿي ٿو وڃي.

”تنهنجو آهي.“ پڇيس ٿو.

”ها سائين، جڏهن توهان جي بدلي ٿي وئي هئي تہ پوءِ مان به رٽائر ٿي ويو هوس، هاڻي هي ڏنڌو ڪندو آهيان.“

”ڏاڍو سٺو. ڏاڍو سٺو.“ هو دل ئي دل ۾

ڪسڪڻ جي سوچ ڏنو ڪري،

"سائين ٻئلا ٻار وغيره خوش آهن."

"ها، بلڪل ٺيڪ آهن، تون ٻڌاءِ وقت ڪيئن ٿيو گذري." هو نه چاهڻ جي باوجود به پڇي ٿو،

"مڙئي الله جو شڪر آهي، توهان ڪيڏانهن پئي ويئو؟"

"اتي ڏي مڙئي ڪجهه .... شيونگ ڪريم وغيره وٺڻ آيو هئس، هتان لنگهيس ته گاڏي تي نظر پيم، الاءِ ڇو دل چيو ته هٿ لائي ڏسان."

"ساڳي ڳالهه آهي سائين، جيڪا شيءِ وٺيو سا ڪٿي. توهان جو پنهنجو گاڏو آهي"

"خدا نه ڪري جو مان گڏو هلايان." هو دل ئي دل ۾ ٻچان ڏنو ڪاڏي،

ڪجهه دير ترسي هن چيو، "چڱو، مان هلان."

"ائين ڪيئن سائين، چانهه چڪو ته پيئو."

"نه نه، مان هلان ٿو." هو کسڪڻ ٿو چاهي سوچي ٿو: 'هون' هن کي خيال به هاڻي آيو ته چانهه جي صلاح بس ڪهي، آهي. مان بلڪل ڪو نه پيئندس.

"نه سائين ترسو نه، مس مس ته اسان غريبن وٽ آيا آهيو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلامونءَ هـن ڪــــي منٿون ڪندي، هوڪا ڏيندڙ
ڇوڪري ڪـي پاڻ ڏانهن سڏ يو. ”ڇورا، اها چانهه ته
وٺي اچ، صاحب لاءِ، بلڪل مسڪيدار“ ۽ پوءِ هــن
کي ڏسندي چيائين ”منهنجو پٽ آهي صاحب، ڏنڌي ڏي
لڳايو اٿــم، هونئن نوڪريءَ ۾ چا ٿو ملي.“

”ها، بلڪل.“

”هڪڙي.“ ڇوڪر پيءُ کان پڇي ٿو.

”ها، بابا هڪڙي، هڪڙي.“ غلامون پٽ کي
چڙٻي ٿو. ڇوڪر چانهن وٺڻ هليو ٿو وڃي. غلامون
ساڻس ڳالهائيندو به رهي ٿو ته وچ ۾ هوڪا بـه ڏيندو
ٿو رهي. ڪيس عجب ٿو لڳي.

”سائين معاف ڪجو، رڙيون نه ڪيون تـه ڏنڌو
ڏـي نـــه هلي.“

غلامون به ڇڻ محسوس ڪري ٿو وٺي تـه صاحب کي
ڳالهه نٿي وڻي. ”سائين، اوهان هن ٿلهي تي ٿي ويهو،
توهان جي لائق ته نه آهي پر ....“

هو ڇڻن ڏي طرفن ڏسندي پاڻ ڪکو وکو ٿو ٿئي.
ڪيس هاڻي ماڻهن جون نظرون عجيب ٿيون لڳن، ڇڻ
هو ڪيس هڪ گاڏي واري جي چانهن پيئڻ تي ٽوڪون
ڪندا هجن، هو چپ ڏـي پاسي واري ٿلهي تي وڃي

ويهي ته، غلامون هن جي طبيعت کان واقف هو، هن، هن کي ڪجهه به ڪونه چيو، وري پاڻ هوڪا ڏيڻ لڳو، ”ٽي رپيا، ٽي رپيا ولايتي مال ٽي رپيا.“

بزار ۾ چڱي رش هئي. غلامون جو گاڏو ماڻهن سان ڀريو پيو هو. مريد پاڻ کي الائي ڪيئن محسوس ڪرڻ لڳو.

غلامون هوڪا ڏيندي، ڪڏهن ڪڏهن هن ڏانهن ڏسي مرڪي ٿو، جواب ۾ هن کي به مرڪڻو ٿو پوي. اهو مرڪڻ هن کي عذاب ٿو لڳي. ماڻهو ڇا سوچيندا هوندا، هاڻ ته ڦاٽو آهيان، پوءِ ڦٽڪڻ ڪهڙو.

هو اڪيون پوري سوچن ۾ گم ٿي ٿو وڃي.

ڪافي عرصو اڳ هو هڪ آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ هو. هن جا ماتحت ڪلارڪ ۽ ٻيو ماڻهن کان ’خرچي‘ وٺڻ ۾ ڪاٻه ’ڪفايت‘ ڪونه ڪندا هئا. غلام حسين هن جي سيڪشن جو پٽيوالو هو، جيڪو پنهنجو ’حال پائي، هو. هن سڀني ڪلارڪن کي چٽي پنهنجا Percent مقرر ڪري ڇڏيا هئا. هو پاڻ به غلامون جي سفارش ڪندو هو ته ڇا ڪري، هنجي وٺڻ مهل غلامون چڙ سر تي بيٺو هجي. گهمبو قريو پيو هن جي ٽيبل تي ايندو هو، ”مريد صاحب، چانهن ته نه ڪپي، مريد صاحب هينئن، صاحب هونئن.“ ۽ پوءِ

مجبور ٿي هي گهي چوڏو پوندو هو، ”هن در تي بيٺل پٽيوالي کي به مڙئي پنج رپيا کڻ ڏئي ڇڏجو، صاحب وٽ فائل کڻي ايندو ويندو آهي.“

۽ غلامون اهو ٻڌي اٿان کسڪي ويندو هو، هو ٻيڻو ته در تي هوندو هو پر سندس ٽيڏي اک ڪلارڪ جي هٿن تي ۽ ڪن هن جي ڳالهائڻ تي هوندا هئا ته هي ڪبوتر کي منهنجي سفارش ڪري ٿو يا نه.

هو عام طور تي پنهنجن گراهڪن کي ڪبوتر چوندا هئا، ۽ جنهن مهل اهو ڪبوتر پنهنجو ڪم ڪرائي اڏامڻ لاءِ در وٽ ايندو هو ته غلامون ويجهو اچي هن کي سلام ڪندو هو.

”صاحب، سلام.“

ان سلام ڪرڻ مهل هن جي اکين ۾ عجيب روشني هوندي هئي ۽ چپن تي عجيب مرڪ ۽ ڪبوتر ٻوڏهن هن کي ڪجهه ڏئي اڳتي وڌندو هو ته هن کي فوجي سليوٽ ڪندو هو.

هن جا سليوٽ صرف ڪبوترن لاءِ هوندا هئا. ڪلارڪن کي هو سنڌي سلام ڪندو هو يعني فقط سلام عليڪم چوندو هو ۽ ان مان صاحب لفظ ڪڍي ڇڏيندو هو. مريد کي ڪبوترن تي ڏاڍي ڪل ايندي هئي، خاص طور تي جڏهن هو ڪلارڪن کي ڏيڻ کان پوءِ

غلامونءَ کي ڪجهہ ڏيندا هئا، پنج ڏهہ رپيا تہ ڪا ڳالهہ ڪانہ هئی پــــر هن جـي منهن تي عجيب تاثر هوندو هو، الاءَ ڦرجڻ جو الاءِ ان ڦـــر سبب هٿ ايندڙ ڪمائيءَ جو.

"سائين چانهہ." غلامونءَ جـو پٽ چانهن جـو ڪوپ جهليو بيٺو هــو. خيال وڪري وچٿس ٿـا. هو ڇوڪري ڪان پڇي ٿو،

"پڙهين ڪو نہ پيئندو ڇـا؟"

"سائين توهان پيئو، ابي جي چانهن بہ ٿي ويندي" ان مهل غلامون بہ اچي ويو.

"سائين پـي وٺيو، تـوهان پـيئو. اوچورا هوڪو تـــہ ڏي نــــہ."

هن پٽ کي چڙبيو ۽ پٽس وري هوڪن ڏيـڻ ۾ لڳي ويـــو.

"مـيـان غلامون، ڪمائي چڱي ٿيندي آهـــي؟"

هو چانهن جو ڍڪ ڀـو ڀري،

"بس سائين، مـڙئي ڪـــجهہ، اڳـــ جيتري تــــہ نہ بس مڙئي."

هوندن توهان ڪٿي؟"

"مان رتاڊر ٿـي ويـو آهيان، هـاڻي پنهنجا بـاغ اٿم، جن جو خـيال ڪندو آهيان، مڙڏـي گذر ٿي ويند و

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي.“

”بس سائين الله جا شڪر آهن.“

غلامون مرڪڻ لڳو. هن جون نظرون وري گاڏي تي پئجي پيون. سوچڻ لڳو: هوءَ ڳاڙهي شرٽ ڪهڙي نه سٺي آهي، ڪٿي وڃي پهرين غلامون چيو:

”ٺيڪ آهي.“

غلامون هن جي نظرن کي تاڙي ٿو ورتي. ”سائين هي ڊاڍي سٺي قميص اٿو، ڪپڙو.“

”نه نه، مان هي ڪپڙا ڪونه پائيندو آهيان.“

هن ٿڪو ٿڪو مرڪيو. ”مڙئي ان جو رنگ سٺو هو ان ڪري پڇيم ڏسڻ.“

ڪنڌ پٺي پاسي ورائي ڇاڪاڻ جو جلدي ئي ڪو پرڻ ٿيو لڳي. پاسي ڪان ٿورو پرڀرو هڪ آئينن جو دڪان آهي، ماڻهو هن جي پرواري دڪان وٽ لنگهندي آئيني ۾ پنهنجي شڪل ضرور ٿا ڏسن. ’هون‘ نه ڏسن ته ڇا ٿي پوين. هو عجيب ٿيو پيو لڳي. ڇاڪاڻ ته جلدي ”ختم ڪري هن چيو. ”چڱو مان هلان ٿو.“

”ڀلي سائين، پر پيرو نه پڇجو.“

چڱو.“ هن موڪلايو.

”سلام صاحب.“

غلامونءَ هن کي جهڪي سلام ڪيو، سلام ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهل مريد کـي هن جوں اکيون ۽ چپ ساڳيي مرڪ مرڪندي نظر آيا. ڪبوتر کي ڏسڻ واري مرڪ ’نظرن جي مرڪ ، چپن جي مرڪ ۾ ڪجهه گهرڻ جي پراڻي تمنا. مريد چرڪي پيو.

گهٽو ڪجهه سمجهي ويو. کيسي ۾ هٿ وجهي ، ٻه ٽي رپيا ڪڍي غلامونءَ ڏانهن وڌايائين.

” نه سائين، نه مون خرچي ونڻ بلڪل ڇڏي ڏني آهـــي .“

”اچي رکـــ، هان وٺ“. هو زور ٿو ڪري.

” نه سائين بلڪل نه .“ غلامون انڪار ٿو ڪريٰ، مريد وڏي اهي پئسا زبرد ستي هن جي کيسي ۾ وجهي ٿو ڇڏي.

” ڪائي ڳالهه ڪانهي . چـڱو مان هلان ٿـــو. مــولا مالڪ .“

هن هلڻ چاهيو تــه پويان ڪڙڪو ٿو پڌي، مڙي ڏٺائين ته غلامون فوجين وانگر پير ملايو بيٺو هو، هن جيئن ئي مڙي ڏٺو ته هن پير کـي زور سان زمين تان کنيو ۽ مرڪندي هن ڏانهن ڏ سي سليوٽ ڪيو.

هـــو اڳتي وڌي ويو، سامهون اوچتو آئينن وارو دڪان اچي ويس. هو نـــه چاهڻ جي باوجود بـــه آئينن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻر ڏسي ٿو، سندس منهن الاءِ ڪهڙي احساس مان پـر
آهي، هن کي پنهنجو منهن اوپرو ٿو لڳي، ڇـو ته اهو
ڪنهن ڪبوتر جو هجي. هن کي ائين ٿو لڳي ڄڻ هن جي
انـــدر وارو هئڊ ڪلارڪ هن تي ڪلنڊو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوچون، بند مٺ ۽ ڪاري پئنٽ وارو.

هو ننڍڙو ڇوڪرو پليٽن کي پاڙيءَ جي بالٽيءَ مان ٻوڙي، اڌ ھٿرڙيو ڪري، ڀاسي ڪان رکندو پئي ويو. پٺس گاڏي ڪي آهستي آهستي ڏڪڻ شروع ڪيو. هنن گاڏو اسڪول جي حدن ۾ آندو. ان وچ ۾ هو برابر گاڏي سان گڏو گڏ هلندي پليٽون ڌوئيندو رهيو. ٻيا گاڏي وارا به هنن سان گڏ هلندا اندر آيا. هرڪنهن لاءِ جڳهه مقرر هئي. هنن به پنهنجو گاڏو، پنهنجي جڳهه تي بيهاريو، رسيس ٿيڻ ۾ ڪجهه منٽن جي ته دير هئي.

هن جو ٻيءَ اوپاريل پٽاڻن جا ڏڪر ڪرڻ لڳو. هو بس ننڍڙين پلاسٽڪ جي گينڊين ۾، گاڏڙي جي هيٺئين خاني ۾ رکيل لفافن مان لوڻ، ڪٽيل ڪارا مرچ ۽ ڪٽاڻ وجهڻ لڳو. پٺس هن ڏانهن ڪرڙين نگاهن سان ڏٺو، ڪيس شايد اج پٽ جا انداز مختلف نظر اچي رهيا هئا. هو مان ڪري ڪنڌ جهڪائي پنهنجي ڪم کي لڳو رهيو.

هو اڃان نوجوان ٿي رهيو آهي. چوڏهن پندرهن

سالن جي وهي ڪن ڪن لاءِ وچولي هوندي آهي، هو جوان هوندا به، آهن ته، ذهني طور ٻالڪپڻ اندر ٽپ ڀيو ڏيندو اٿن. هو به ان ٿهيءَ مان آهي. هڪ چولن واري جي پٽ هجڻ جي ڪري هو پڙهي نه سگهيو آهي. بقول سندس پيءُ جي ”پڙهڻ ۾ هڪ آفيسر ڪرسيءَ تي ويهي جيتري ڪاري ڪمائي ڪري ٿو، اسان محنت ڪري هن ڪان پيٽو ڪمائي ٿا سگهون.“ ۽ شايد ان مقصد جي ڪري ئي کيس پٽس نه پڙهايو هو.

هن جا هٿ ڍرا ٿين ٿا ته پٽس سڏ ٿو ڪريس.

”اڙي ردي، وري ڇا ٿيئه. هٿ جلد هلاءِ. رسيس ۾ ڪو، ڪوهن جي مسافري آ ڇا.“

هو تيزيءَ سان مصالحي جون گينديون ڪڍي، ابريل پٺاڻن جي ڪاٺ جي پرسان ٿو رکي. هٿن ڪي ڳاڙهي ڪپڙي سان صاف ڪري، هيٺ رکيل برف سان ٺڪر ڪپي مٿ ۾ ٿو وجهي. چاڻ ٻار ۽ ڇوڪرا آيا، چاڻ چولن ڪاڻڻ ڪان پوءِ پاڻيءَ لاءِ ڀڳا.

ان وچ ۾ خيال ٿو اچيس ”اج هوءَ به ته آئي هوندي. جي آئي هوندي ته ڪ چولا وٺڻ لاءِ

پٽيوالو موڪليندي، اڄ مان به پٽيوالي کي ڪونه ڏيندس. هونئن، ابو روز پٽيوالي کي پليٽون ڏيندو آ. اڄ مان پاڻ کڻي ويندس."

هو دل ۾ هن سان ملڻ جو احساس ڇاڻي خوش ٿو ٿئي.

هو هن اسڪول جي پرائمري سيڪشن جي ماسترياڻي هئي، سندس حسن سڄي اسڪول ۾ مشهور هو. هرڪو ماڻهو هن جي راهن ۾ ڇڻ اکيون وڇائيندو هو. خود به ان راز کان چڱي طرح واقفيت جي ڪري، هن جي هلڻي چلڻي، ناز ۽ انداز سان پريل هوندي هئي.

هوءَ روز هن کان ڇولن جون پليٽون گهرائيندي هئي، اهي ٿي پليٽون هوءَ ۽ هن جون ٻه ساهيڙيون سامهون وراندي ۾ ويهي کائينديون هيون. هرڪو ايندڙ ويندڙ شايد حسن جي تپش هجڻ جي ڪري مجبور ٿي اتي ويهي رهندو هو. هوءَ به ڏاڍي ناز انداز سان ڇولا کائيندي هئي ۽ رسيس ختم ٿيڻ مهل ڪوبه پٽيوالو، نصروءَ وارن کي خالي پليٽون ۽ پئسا ڏئي ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نصرو“ پڻس کيس سڏي ٿو.
”جي بابا.“
”اڄ تہ يارنهن بہ ٿي ويا، پــر رسيس اڃان
ڪو نہ ٿي آ!“
”الاهہ بابا.“ هو وراڻي ٿو.

سوچي ٿو، يارنهن بہ ٿـــي ويا، وقت ڪيئن نہ ٿو
اڏامندو وڃي. اڄ تہ چئن جهٽ يار نهن ٿي ويا، ها؛ اڄ
مون کي هن کان پڇڻو جو آهي، مان ....
هن جا خيال وکري وڃن ٿا. پڻس پاسي کان لنگهندڙ
پٽيوالي کان پڇي ٿو.
”علي احمد، رسيس ڪائين بجي ٿيندي، يـار نـهن
تــہ ٿي ويا.“
”بس مڙئي ڪجهہ منٽ دير ٿس. وڏو صاحب راڤوند
تي نڪتو آهي نـــہ، سو پاڻ واري صاحب سان گڏ
ڪلاسن جي چيڪنگ پيو ڪري. ڪري وٺي تہ رسيس
شـــروع.“
هو وراڻي تکو تکو اسڪول ڏانهن هلندو ٿو وڃي.
نصرو جو پيءُ ٽماٽن کـــي گول چلن وانگر ڪپڻ ٿو
شروع ڪري. نصرو پـاڻ مان ڪري ڏاکڻ تي ويهي
ٿو رهي.
خيال وري اچي گهيرو ڪنس ٿا: ’اڄ نہ هوءَ، چولا

ڪائيندي تہ ماں چوندو مانس ”مون کي تو هان سان هڪڙي ڳالهہ ڪرڻي آهي.“ هوءَ چوندي: ”ڪهڙي چؤ.“ ۽ پوءِ مان هن کــي سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائيندس، پوءِ تہ الائي ڇا چئي. الائي هن کي ڳالهہ وڻندي الائي نہ. ڪٿي ماريندي تہ ڪو نہ. نہ نہ ڇو ماريندي هوءَ ايتري نازڪڙي تہ آهي، ڪيئن ڪنهن تــي هٿ کڻندي. مان هن کي وڻندس. ڇو نہ وڻندس. اڇـي جوان ٿيو آهيان. رنگ بہ پورو اٿم. ڪپڙا ميرا آهن تہ ڇا ٿيو. اونهيئن ابي جي ڳالهہ وانگر ڪمائي تہ هن ڪان گهٽي اٿئون. پوءِ مان هن سان شادي....“ ذهن تــي پــيءُ جـي ڪافي اثـر اٿس. ڏنيڙي هوندي ڪان ئي پيءُ سان گڏ ان ڏنڌي تـي لڳل آ.

ان مهل رسيس جــي گهنڊي ٿــي لڳــي. مختلف ٻارڙا، ڊوڙندا ٻاهر نڪرن ٿا. وڏا وڏا شاگرد بہ آهستي آهستي ميڙ ڪندا ٿا وڃن. هن جــو پيءُ اٿي ٿو بيهي رهي. هو الائي ڪيڏيءَ مهل اسڪول تي چڙهي ويـٺو هو. نصرو پاڻ بـہ جلدي جلدي پاپڙون ڏاهڻ شروع ٿو ڪري. ڪنهن کي گول گپا ٿا کپن ڪنهن کي ڇولا. هو هڻ هٿان پر لڳي ٿو وڃي. پٽس طبعيت جو ماٺيڻو آ، گهٽو ڪونہ ٿو ڳالهائي، هن کي ٿي سڄي جهڳي هٽڻي ٿي پوي. ٻارن کي ٻاسي ڪرڻ، ٽيڙن جو خيال

رکڻ. سيني خفن جي باوجود به هن جو ذهن پرائمري ڏانهن لڳو ٿو رهي. ڪيڏيءَ مهل ٿي هوءَ نڪري، ڪيڏيءَ مهل چولا گهر ئيندي ۽ ڪيڏي، مهل ....

اوچتو ڪو ٻار هن ڪان شيءِ گهرڻ لاءِ چولي جي ٻانهن کي چڪيس ٿو. هن جي هٿن ۾ پريل گول گپن جي پليٽ ابتي ٿي ٿي وڃي. چاٽ جو پاڻي هن جي چولي کي رنگين ڪري ٿو ڇڏي. ٻارڙو پڄي ٿو وڃي.

سوچي ٿو هائي ڪيئن ويندس. اڄ ڪٿي نه ٿو وڃان. نه، نه، اڄ ضرور ويندو سانس. مس مس ته ارادا ....

ان مهل، پٺس کيس پيون ڪجهه پليٽون ناهڻ لاءِ ٿو چئي. هو اجان گول گپن واري ڪاري ۾ هٿ ٿي ٿو وجهي ته پريان هوءَ به اچي ٿي بيهي رهي. ساڳيون به ساهيڙ يون گڏ اٿس.

ان مهل، هڪ پٺيوالو هنن ڏانهن تکو تکو ٿو اچي.

”نصرو، بي بيءَ وارڻ لاءِ پليٽون ناهي.“

”نہ، تون هل مان ناهي ٿو پهچايان.“

”ها، اڄ هنن پاڻ چيو آ ته نصروءَ کي چئو ته پليٽون پاڻ پهچائي وڃي“ هو چئي هليو ٿو وڃي.

نصرو دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ ٿو لڳي. اڄ تہ هن خود مون کي سڏايو آهي، واهہ قادر واهہ جون سڏايون ڪيئي."

هو جلدي جلدي پليٽون ڌاهڻ ٿو لڳي. اهي ڌاهي، پيءُ کي چئي هو هن ڏانهن هليو ٿو اچي. جيڪي پٽ جي پلر وٽ ٽيڪ لڳايون ويٺيون هيون.

"نصرو، اڄ دير ٿي وئي، چولن اچڻ ۾؟"

هوءَ پڇي ٿي.

"بس بيبي، دير ٿي وئي." هو مرڪي ٿو. هن کي ۽ هن جي ساهيڙين کي پليٽون ٿو ڏئي. هٿ ڏيڪندي ٿا محسوس ٿيس: دل ۾ هورا ڪورا اٿس.

ڪيئن چوان، ڇا چوان. هيئنئر تہ هو بہ ويٺيون اٿس."

ان مهل، هن جون ساهيڙيون هن کي نوٽ ڏيون هڻن "اٿي چئيس."

"چوانس."

"ها، ها، ٻڇين چو ٿي."

"نصرو، ڳالهہ ٻڌ." هوءَ هن کي سڏي ٿي هو اڳ واري سس پس ٻڌي دل ئي دل ۾ خوش ٿو ٿئي.

"الائي مون کي ڇا چوڻو اٿس؟"

"جي" وراڻي ٿو.

"تنهنجو چولو، خراب ٿي ويو ڇا" هوءَ هن جي

چولي ڏانهن اشارو ٿي ڪري.

”ها، مڙني هڪ پار جي پانهن لڳڻ ڪري چاٽ هارجي وئي هئي“ هو ڪنڌ جهڪائي ٿو چڏي. قسم سان مان تہ صاف سٺرو رهندو آهيان.

هوءَ پڻ تر ۾ آهي: ڪجهہ چوڻ چاهيندي بہ چئي نہ ٿي سگهي.

ان مهل هن جي هڪ ساهيڙي نصروءَ کي چئي ٿي.

”پڻ، تو ۾ هڪڙو ڪم آهي.“

”ڪهڙو؟“ هو اکيتي وڌي ٿو اچي. الائي چا چوي.

ان مهل هوءَ ٿي اڳتي وڌي اچي ”نصرو.“ وري بہ پڻ تر ۾ آهي.

”بي بي چوُ مان هرڪو ڪم ڪندس.“

هو دل ئي دل ۾ خوش ٿو ٿئي. پڪ ڪو ڪم چوندي ۽ مان ڪندس تہ ڪيتري نہ خوش ٿيندي.

ان مهل هو اڳيان وڌي بند مٺ کولي ٿي.

” نصرو، هي سامهون بيٺل ڪاري پٽنٽ واري کي ڏئي اچ. شابس اهو هڪڙو ڪم آ تو ۾.“

هو مٺ ۾ غور سان ٿو ڏسي. هڪڙو ڳاڙهو لفافو بيڙو ٿيڙو ٿيو پيو آهي. اندر ۾ الائي چا ٿـو ٿئيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون پرجي ٿيون اچنس. هو نڙي وٽ الائي ڇا ٿو محسوس ڪري.

ڇو، ڪم ڪونه ڪندين؟" هوءَ هن کان پڇي ٿسي. اکين ۾ وري به اميد اٿس ته هو هسي ڪم ڪندو.

هو ڪجهه لمحن لاءِ اٿين ڏي ڪنڌ جهڪائي بيٺو آ. سڏڪن کي روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش پيو ڪري.

هوءَ پريشان ٿي وڃي.

"ڇو، ڇا ڳالهه آ، ڪم نه ٿو ڪرڻ چاهين ڇا"

هوءَ پڇي ٿي.

"ڪندس بيبي، حاضر." هو ڪنڌ جهڪيل ڏي ٿو رکي. مٿي نه ٿو ڪڍڻ چاهي. هن جو هٿ اٿين ڏي وڌيل آ. نصرو چئن ئي طرفن ڏسي، ڪنهن کي به پاڻ ڏانهن نه ڏسندو ڏسي، چپ چاپ خط وٺي ڪاري پٽنٽ واري ڏانهن وڌڻ ٿو لڳي. O

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻارن جو عالمي سال

اوچتو چت ۾ ڏسندي مون کي محسوس ٿيو تہ
کو ڪٿي جي ڪنڊ کي پاڻ ڏانهن سيري پيو. مون
چت تان نظرون هٽائي اوڏانهن ڏٺو. منوءَ اکين مان
پڇيون ڪيو ندي، مون ڏانهن ڏسي رهيو هو.

دل ۾ ڪي ڪا هورا ڪورا هئس، ڪجهہ پڇڻ تي
چاهيائين.

مون پڇيو ”ڪا ڳالهہ آهي منوءَ؟“ ”نہ“ هن
پاسو ورايو.

”صبح ساڻ ننڊ ڦٽي وڃي اٿئي ڇا؟“

”نہ“

”اڄ تہ ننڊ ڪر. اسان غريبن لاءِ هڪڙو موڪل
جو ڏينهن ئي ننڊن ڪرڻ لاءِ هوندو آهي، تون ۽ مان
ان ڏينهن واندا جو هوندا آهيون. نہ تو کي ڪجهہ
وڻڻو هوندو آهي ۽ نہ وري مان ئي تو کي ڪجهہ
وٺي ڏئي سگهندو آهيان. ڪٿي توکي اڄ جو تہ
ڏک ڪونہ ٿيو آ تہ اڄ بہ مان سڄو ڏينهن گهر ۾
گذاريندس.“ ”نہ“

"تہ پوء"

هو ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو. مان ڪري ڪٿي جو هڪ ڇيڙو ڇڪي منهن تي وجهي ڇڏيائين. مان هن جي طبيعت کان چڱي طرح واقف آهيان، هو منهنجو پٽ آهي، اڄن سالن جو ٿيو مون کي ساهہ کان بہ وڌيڪ پيارو آهي. هر پيءُ ۽ ماءُ کي پنهنجو اولاد پيارو هوندو آهي. اسان زال مڙس بہ رڳو هڪڙو ٻي ٻار هٿ ڪري سگهيا آهيون، تہ پيو گهرجي ٿو ۽ نہ ضرورت ٿي اٿئون.

جمعي جو ڏينهن اسان لاءِ واندڪائي جو ڏينهن هوندو آهي. ان ڏينهن ڪارخانو بہ بند هوندو آهي ۽ منهنجو هيڪلو پٽ بہ اسڪول ۽ ڪم ڪارين کان واندو هوندو آهي.

هن وري ڪٿي جي ڪنڊ منهن تان پري ڪئي. چر پر تي مون بہ ڪنڊ ڪٿي ڏٺو. هو ۽ مان هڪ ٿي ڪٿي ۾ ويڙهجي سيڙهجي پٽ تي ستل هئاسين. اڄ صبح جو الا ٿي چو منهنجي ننڊ ڦٽي هئي ۽ هينئر هن کي بہ الا ٿي چو ننڊ نہ پئي آئي. مون کي ڪجهہ بہ نہ ٿي ڇيائين. مان ڪري چت جي پڳل سرين کي ڏسندو رهيو. هو منهنجو اولاد آهي، مان سندس نس نس کان واقف آهيان. سمجهي ويس تہ

هو ڪجهہ پڇڻ ٿو چاهي.

”ڪجهہ سمجهڻو اٿمي منهنجون.“

”نہ بابا.“

”تہ مون کي ڪجهہ سمجهائيندين يلا.“

”ڇا سمجهايانءِ.“ هن وڏڙن وانگر پڇيو.

”سمجهائيءَ کان سواءِ بيو سڀڪجهہ سمجهاءِ“

هن کي کلائڻ چاهيم. هو الائي ڇو اُداس هو.

”مان راتوڪي پڪوڙن جي ويڙهيل پنيءَ تي غور ڪري رهيو آهيان.“

هن ڪٽي هيٺان پڪوڙ بيل هٿ ٻاهر ڪڍيو. هٿ ۾ رات ڪاڌل پڪوڙن ويڙهيل ڪاغذ هئس.

جمعي جي رات مان، منهنجي زال ۽ منهنجو پٽ سڀاڳي رات ڪري ملهائيندا آهيون. اُن رات اسين سوا رپئي ۾ ڪابہ شيءِ خريد ڪري، ڪار خاني جي سيٺ جي روح کي ختمو بخش ڪري کائيندا آهيون. سيٺين جا ڪروڙين ڪرم آهن، ايترو تہ ڏين ٿا جو هفتي ۾ هڪ گولڊن نائيٽ ٿيو وڃي.

اڄ رات بہ اسان سوا رپئي جا پڪوڙا ڪاڌا هئا ۽ هينئر مون پنهنجي هٿن ۾ پڪوڙن کي ويڙ هيل ڪاغذ جهلي ستل هو.

”اهو ڪاغذ پڪوڙا کائي، هٿ صاف ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچلائي چڏڻ لاءِ هـــو نـدو آ منون. ان تي غور نہ
ڪبو آ. غور ڪرين تہ بصر پٺاڻن تي ڪر. جيڪي
اڄ ڪلهہ مهانگا ٿي ويا آهن."

"مان هن پني جي لکيل خبر تـي غور ٿـــو
ڪيان" هن منهنجي ڳالهہ تي ڪوبہ ڌيان ڪو نہ ڏنو.

"اهــو پنو سٽيو آهي ۽ اسان غريبن جو معدو
سٽيين تحريرن کـي هضم ڪري نـہ سگهندو آهي."
چٽ جي سرين ۾ ڏسندي چيائين "اڄ ڪان ٻارن جـو
عالمي سال شروع ٿي رهيو آهي."

"هرڪو سال شروعات ۾ آخر تـي بدل هوندو آ
منون، تو ۾ مون جهڙا انسان ڪباڙيءَ جـي دڪان
تي پراڻن سالن جي آخري ڏينهن جون تصويرون اخبارن
۾ ڏسي، هلندڙ سال جي آخري مهيني ۾ ان جي پڪ
ڪندا آهن."

"بابا، منهنجي ڳالهہ نہ اڏاءِ" هن ڪاوڙ ڪندي
چيو. اڪيون ڪجهہ تمجي آيون هئس.
"مان ڪا شيءِ ڪونہ اڏائي سگهندو آهيان. اڏائي
سگهان ها تہ پوءِ پاڻ اثين پراڻي سرائي جاءِ ۾ نـــہ
رهون ها، پوءِ مان pan Am اڏايان ها ۽ تون ڪنهن
بـہ ڪنو ينٽ ۾ پڙهين ها، مان تنهنجي ڳالهہ ڪيئن
اڏائيندس."

مون ھڪ ڳالھ وڏيڪ ڳالھائڻ ٿي چاھيو. سوچيم
ھن ڪي عالمي سال ٿي سوچڻ نہ ڏيان. ھو آخر بہ ٻار
آھي نيٺ تہ عالمي سال ٿي ٿيندڙ خوشين ۾ حصو وٺڻ
ٿي ضد ڪندو، ان مھل مون لاءِ ڏچو ٿيندو. مان ھن
کي روڪي نہ سگھندس ۽ پوءِ غريب جو ٻار ھجڻ
جي ڪري ھو جڏھن ڏڪارجي ويندو تہ سندس دل
ٽٽي پو ندي. مان ڪيس الائي ڪيترا ڀيرا غربت ۽
امارت ۾ فرق ٻڌائي چڪو آھيان. پر لڳي ٿو ھو
ھن ڀيري ڪونہ مڃيندو. ضرور ڪٿي نہ ڪٿي وڃي
شر پيدا ڪندو، آخر تہ ٻار آھي نہ...........

” بابا، ھن سال ٻارن کي ھر ھنڌ ترجيح ڏني
ويندي. ھو ڪٿي ڪھڙا بہ ھجن ھر ھنڌ افضل ھوندا،
ٺيڪ آ نہ بابا؟“

” افضل يا تہ عاربائي آ يا سومرو، مان ڪنھن
ٻئي افضل کي ڪو نہ سڃاڻان.“

” بابا، مان عالمي سال ٿي ٻارن جي اھميت ٿي
ٿو ڳالھايان.“ ھن رڙ ڪئي. چڙ وڌي وئي ھئس.
” رڳو وڏن ماڻھن جا ٻار اھميت رکندا آھن منون.
غريب جي ٻارن کي اھميت رکڻ جو ڪوبہ حق
ڪونھي.“

” ھي سال غريبن کي پنھجا حق ڏياريندو.“

تون عالم فاضل نہ ٿي. اهميت حيثيت سان سنئون سڌو لاڳاپو رکندي آهي. غريب جي ڪهڙي اهميت، جڏهن هو ڪا حيثيت ئي نہ ٿو رکي."

"پر، غريب بار ڪسي هينئر حيثيت ڏياري ويندي."

"ڪهڙي." مون ڪانئس پڇيو. هو منجهي پيو.

"هر غريب بار کي ................................"

سوچڻ لڳو.

"غريب ۽ امير جو فرق تون چڱي طرح ٿو سمجهين، مان تو کي وڌيڪ ڇا سمجهايان."

هن ڪجهہ نہ ڪڇيو. مان ڪري ڪاغذ جي تحرير ڪي وري پڙهڻ لڳو. هن سان ڳالهائڻ دوران منهنجا پير ڪٿي ڪان، باهر نڪري ويا هئا، سيءَ پئي لڳم، مون پير چڪي اندر ڪيا. اسان ٻئي گهر ۾ اڪيلا هئاسين، منهنجي زال ڪجهہ ڏينهن لاءِ پنهنجي مائٽن ويل هئي؛ ۽ هتي مان ۽ منهنجو پٽ، ٻئي ٿي ليٽي ٻيٺي راڪ ائنڊ رول ڪري رهيا هئاسين. حقيقت ۾ مان بي-اي جي ڊگريءَ هٿ ڪرڻ کان پوءِ بہ هڪ ڪارخاني ۾ ٽائم ڪيپر آهيان. منهنجو پٽ صبح جو اسڪول پڙهندو آهي ۽ شام جي شفٽ ۾ نئڊڙو دڪان هلائيندو آهي، زماني جي گردش ايترو تہ

قرضي ڪرائي ڇڏيو آهي جو اڄ ان قرض ۾ ٻه مس لٿو آهي. منهنجو پٽ منهنجو صلاحڪار آهي. اٺن سالن ۾ ئي هو تمام ذهين آهي. هرڪا ڳالهه الاهه ڪيئن ڪوئي ڪوئي ڪندو وٺندو آهي.

هو ملڪ ڪري اخبارون پڙهندو رهيو. ڪافي ڏکر هو. مون کي ٻڪوڙن واري ڦي ڇـڙ اچڻ لڳي. سوا روپئي جي ٻڪوڙن تي ايترو ڪاغذ وٻڙهڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.

اوچتو هن ڪنڌ مٿي ڪندي رڙ ڪئي.

”بابا.“

”جي پٽ.“

”بابا، مان تقريبن ۾ شريڪ ٿيڻ تو گهران؟“

سوچيم آخرڪار ريچڪ ڪنيس نه. هاڻي ڇا چوانس.

”ڇا ڪندين؟“ پڇيم.

”مان مئگزينن ۾ ڪهاڻيون لکندس، اخبارن ۾ مقالا لکندس، تقريرون.......

ها ،بابا، مان نيشنل سينٽر ۾ وڃي تقرير ۾ ڪندس اتي مذاڪرو آ، ڀيا ٻار ۾ ايندا.“

”ٻلي وڃي ڪجان ٻ پٽ.“

دل ۾ چيم هن کي حقيقت ٻڌايان، اهي سوقعا رکيو وڏن مالڪن جي ٻارن لاءِ هوندا آهن، اسان جهڙن مالڪن

جو اولاد وڏي ٿي وڃي نيشنل سينٽر ۾ ڪرسيون سيٽ ڪري سگهي ٿو، ڪيس اسٽيج تي ٻيهڻ جو ڪهڙو حق!

”بابا، مان ڪهاڻيءَ سان گڏ پنهنجو فوٽو به ڏيندس.“

هن اکيون ٽمڪايون، منهنجو اندر جهرڻ لڳو. خدايا، غريب جي اولاد کي ته گهٽ ۾ گهٽ حقيقت کان واقف ڪري پيدا ڪرين ها، هي هيڏا وڏا سپنا، خواهشون ۽........

”منهنجا پيءُ“ هن وري سڏيو. جڏهن بس خرچي وغيره وٺڻي هوندي اٿس ته ائين ئي سڏ ڪندو آهي.

”ٺيڪ آ، نه“

”ڇا پٽ؟“ مون ڪنڌ کي پاڻ ڏانهن سيريو.

”اهو ٿي نيشنل سنيٽر ۾ تقرير ڪرڻ. پر.... پر بابا....“

اوچتو هن وري اخبار کنئي.

”هتي ته لکيو پيو آهي ته داخلا صرف پاس تي آهي. اهو پاس ڪنهن وٽ هوندي؟“ هن اخبار پڙهندي پڇيو.

”اهو ڊائريڪٽر Issue ڪندو آهي پٽ ۽ صرف ميمبرن لاءِ هوندي آهي.“

"پوءِ تون ڇو نہ ٿو ميمبر ٿئين؟"

"مان ٽئين گريڊ جو ٽائيم ڪيپر آهيان ۽ اتي صرف ستر هين گريڊ کان پاسون شروع ٿينديون آهن، مون کي پاس نہ ٿي ملي سگهي."

"ڇو نہ ٿـي ملي سگهي!" هـن غور سان مون ڏانهن ڏٺو.

"بابا، پاس وٺ نہ" هن ضد ڪيو. هيلتائين هـن جو سڄو وجود ڪڏهن وساميو پئي تـہ ڪڏهن ٻريو پئي. هنن سيني ڳالهين کي هن الاهہ ڇو اڄي ڇيڙيو هو.

الاهہ ڇو مون کي چڙ اچي وئي، چڙ ڀيندي ڇيومانس "تون اهي ڪم نہ ٿو ڪري سگهين. مئون، نہ تون سينٽر ۾ وڃي سگهين ٿو ۽ نہ وڃي اتي تقرير ڪري ٿو سگهين، تقرير ڪي مخصوص ٻـار ڪندي ٿي سڻا لڳندا آهن، ۽ تون انهن مان ناهين، اسان جهڙا انسان جيڪڏهن تقريرون ڪرڻ ويندا تـہ پوءِ دڪان ڪير هلائيندو پٽ؟"

هن ڪجهہ چوڻ لاءِ وات کوليو پر ڪيس شايد هينئر ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي هئي. هن پنو اڇلائي ڇڏيو.

ڪجهہ دير سوچي، چيائين "مان ڪوبہ ڪم ڪونہ ڪندس بابا. سـاڻ اڄوڪو ڏينهن نند ڪري، سيالي کان پنهنجي ڪم کي لڳي ويندس."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عالمي سال کهڙو اسان تي ملبون پري لٽائيندو،
جو اسان پنهنجو پورهيو ڇڏي رلندا وتون.“

مون غور سان هن ڏانهن ڏٺو.
هن ڇڪي ڪٿي جهي ڪنڌ منهن تي رکي ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "ٿڌي جنگ"

هن سامهون ڏٺو، ٿڌو ساهه کڻي، دري جي لوهائين پرچ کي ٽيڪ ڏئي چڙهيائين. سامهون لڳل شيشي مان هوا اندر اچي سنڌس وارن کي ڇاهي وڃي هئي. هن هڪ هٿ سان رڱي کي مٿي ٽي ناهيو. بس ۾ ڏاڍو گوڙ هو، ڪجهه مسافرن جو، ڪجهه لتا منگيشڪر جي وچنڊڙ رڪاڊن جو. هن جو ساهه منجهڻ لڳو. سامهون ايندڙ هوا، هن کي الائي ڪيئن لڳڻ لڳي. هن دريءَ کي بند ڪرڻ لاءِ هٿ وڌايو، پر ۾ ويٺل ظفر هن ڏانهن جهڪندي پڇيو:

"ڇو هوا نه ٿي وڻي ڇا؟!"

"وڻي ٿي."

هن سنئين سڌي نموني وراڻيو. هيستائين ڪوشش ڪري هر ڳالهه جي جواب ۾ ٿوريءَ مرڪ جو ڳاڙهو، وڌائين ٿي.

"طبيعت ته صحيح آ نه؟!"

"ها"

"پوءِ دري ڇو ٿي بند ڪيئي."

"ائين مڙني" هن هائي هلڪو مرڪيو ۽ ڪي مرڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن موت ۾ پنهنجي ماءُ کي ٻانهن کان پڪڙي ڇڪيو ۽ جنهن وري مڙي ظفر کي ٿي ڏٺو. ريشمان کي سندس نظرن ۾ الاءِ ڇا پئي ڀاسيو.

هوءَ گهران الائي ڇا سوچي نڪتي هئي. اڄا ڪجهه ذهنن اڳ ئي ته ظفر کنن ۾ پڪڙيو هوس.

”خبر آ ڇا——؟“

”هون.“ هن اونهو ساهه کڻي ڇمڪندڙ اکين سان ڏانهنس ڏٺو.

”اڳي جڏهن مان ڪراچيءَ مان آئوٽ بيڪ ڪندو هوس نه، ته جڏهن ليڊيز سيٽ تي ڪنهن جوڙي کي ويهندو ڏسندو هوس، ۽ جڏهن مرد عورت کي شيشي واري طرف ويهاري ڪا ڀرپور ڳالهه ڇوندو هو ته منهنجي دل چوندي هئي ته ڪاش! اهو مان هجان....!!

”ڇو..؟“

”اڙي بيوقوف! ان مهل عورت جا رنگ ڏسڻ وٽان هوندا آهن. جڏهن هن جي ڪنن ۾ ڪا خوبصورت ڳالهه ڪبي آ.

”هوندو.“ هن لنوايو هو.

”هوندو نه، آهي.“

هن زور ڏنو هو. ”ڇڱو آهي بس بابا،“

هن هٿ ٻڌا هئا ۽......

”ٻڌ،“ هوءَ اوچتو ڇرڪي پئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهڻ تي اٿين ٿي ڪنڌ رکئي ڪافي دير تي ويٺي هيس، ٻاهر تيزيءَ سان وڻ پوئتي سرڪي رهيا هئا ۽ اندر اهوئي گوڙ هو ۽ اهو ساڳيو ئي نظارو هو. دريءَ ڪاڻ ويٺل عورت ۽ پرسان ويٺل مرد، ڪنهن خوبصورت ڳالهه ڪرڻ لاءِ آتو.

”جي“، هن هڪدم وراڻيو. سوچيائين الائي ڪهڙي خوبصورت ڳالهه هوندي.

”هيءَ ٻار ڪيڏو نه خوبصورت “ ظفر ڪمس چوندي، پنهنجي نظرز کي نه موڙيو هو.

اٿين ٿي ننڍڙي کي ڏسي رهيو هو.

”هون“ ٻار پيارو آهي يا سندس ماءُ؟ انهن چيو نه تو چوي ته مائس تي وئي.

هن دل ئي دل ۾ سوچيو. پر اهو جملو ڪيئن اڪلي ها.

”ها، ڏاڍو پيارو آ.“ ڳل ته ڏسينس ڪيڏا نه نرم اٿس.“ هن پنهنجو پاڻ کي Normal ڏيکارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.

وري به اها چپ. ظفر وري به ماٺ هو. ريشمان کي مونجهه ٿيڻ لڳي. گهران جنهن سفر جو سوچي نڪتي هئي، هيءَ ته ان جي بلڪل ابتڙ هو، سامهون وارو جوڙو بلڪل خاموش هو. مرد ڪنهن اردو ڊائجيسٽ جي مطالعي ۾ مصروف هو. ۽ مائي ٻار جي ٻانهءَ کي گهيرو ڪيون ويٺي هئي. جيڪو وچ ۾ سيٽ تي ٻيٺو

هو. انهن ويهڻ سان سندس اڌ منهن ريشمان طرف ۽ سڄو رخ ظفر، طرف ٿي ويو هوس.

ريشمان جا خيال وري پٽڪڻ لڳا.

”هون، چپ- روح ته ڪيڏن نه بيدرديءَ سان استعمال ڪئي اٿائين. Pluk:ng نه صحيح ڪانهي، باقي رڳو نقش سڀئا اٿس ته چا ٿي پيو.

”بچڙي“ سريل ڪيڏن نه پانهون مٿي ڪري سيڪو ڪيدي وارن ۾ ڪانٽا ٿي وڌائين. اهو به نه پيو شرم اچيس، ته پوريان غير مرد ويٺا آهن. پر غير مرد به ڪٿي اڪ ڪين- مجال آ جو مڙن. هي ظفر به ته آ نه، ڪيڏن نه گهر ۾ قسم ڪئندو آهي. تڏهن شاديءَ ڪان ڀهريائين تو ڪان سواء انهن هوس، هونئن هوس. اچا ٿي مهينا مس ٿيا آهن شاديءَ کي ته ڪيڏن نه مٺجي ويو آهي. هون! ”ڏوڙ ڏائين. اٿي چاٽي“ هن رن جو ڪهڙو ڏوه پنهنجي مرد جو اهڙو هوندو ته پرائيءَ کي چا ڪبو..........!“

هوءَ مانيءَ تان نظرون هٽائي، سامهون درن مٿان تاڪين تي اڪيل جملا پڙهڻ لڳي.

”آرام سے اترین“ آپکے آمد کا شکریہ“

ٻئي عدد فلمي شعر هئا ۽ هڪ جملو پيو ٻيو هو ته ”آڌي سواري کو سيٽ نهن مليگي.“ آڌي سواري، ڪيس وري الائي چا ٿيڻ لڳو. هن سامهون ٻيٺل ٻار کي ڏٺو. اسان کي به جيڪڏهن اولاد هجي ته ”اهڙو“ پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو ڇو- ان ٻچڙيءَ جي تخم مان ڇاول آهن. ان جهڙو ڇو-؟ پر مان اهو ڇو ٿي سوچان، هو پار آ معصوم، هن جو ڪهڙو قصور، پر مون کي ٿي ڇا ويو آ، ڇو ٿي مان اهڙيون سوچون ذهن ۾ رکان.

ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيل هڪ جملو ٿو ياد اچيس. هر ڪا عرت پنهنجي مرد کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهندي آهي. پوءِ جيڪڏهن اها ڪنهن ٻئي جي هٿن ۾ ويندي ڏسي ته سندس وجود ۾ ٽدي جنگ شروع ٿي ويندي آ، اهائي جنگ جنهن جو Seize Fire ڏايو ڏکيو هوندو آ.

ڪٿي سنهنجي اندر ۾ اها ٽدي جنگ ته شروع ڪانه ٿي ويئي آ. مون کي ٿي ڇا ويو آ، اڄ ته هي سفر به انگهي پيو آ، هڪ ته هيءَ عيد جو موقعو به عجيب آ، هر ٻن منٽن تي استاپ اڄ نه ڇڻ ٤٠ ميلن تي نه وڃڻو آ، ڇڻ کي همالي سر ڪرڻي آ، پر اهو مون کي ائين ڇو ٿو لڳي! ان ڪنيءَ رن جي ڪري، پر مان ان ڏان ڇو ٿي نفرت ڪيان، ڇا ٿي ڪري هرءَ مون کي مون سان نه ته ظفر سان ته ڪري ٿي. پر ڇا-؟ اڪ تيٽ پيو وري ڇا-! پر....

اوچتو هڪدم بس بيهي ويئي هن ٻاهر ڏٺو، ٽنڊوالهيار هو هن علائقي جو مکيه استاپ. بس بيهي ويئي ته ڪيترا مسافر لٿا ۽ چڙهيا، گوڙ ڏاڍو وڌي ويو. الائي ڪيترا ننڍڙا ڏ ڍڙا ڇوڪرا، بس ۾ ڊوڪي آيا.

ڪوڪ، ايپل، فنٽا، ٿڌيون بوتلون.......!
سنبوسا، پڪوڙا، چولا، ڊبل، چونرا........!!
”ڪوڪ هلندي“، ظفر پڇيس،
”نہ“
”ڇو ٺيڪ نہ آهين“-؟!
”ڇو ڇا ٿيو اٿم“، ڪجهہ نرم ٿيندي چيائين.
”لائي ٿوري ٻيلي ٿي لڳين-!“
”نہ نہ، ڪجهہ ڪونهي ٿيو، توهان پيئو.“
”نہ- مان، ائين ڪيئن پيان- نهيو،“
هوءَ ڪجهہ نہ ٿي ڪڇي. ظفر سوچيو، ”ڇوندي ڏهيوڪٽهہ پيون ٿا.“ پر ڪيس ماٺ ڏسي هاڻ پرسان واري لهي ويل مسافر جي سبب تان اخبار کڻي پڙهڻ لڳو.
سامهون وارن پاڻ لاءِ پيپسي ۽ ننڍڙي لاءِ فنٽا گهرائي هئي. هوءِ الائي ڇا ٿي محسوس ڪري.
هيءُ ظفر آهي ئي تصوراتي، سوچيندو هوندو تہ هوءُ جوڙو ڪوڪس پيئندي ڪيئن ٺهو لڳي. ڪاش! ڪٿي مان ها ڪيان ها.
هوءُ ظفر ڏانهن مڙي ٿي ڏسي. هو اخبار پيو ٿو پڙهي. سندس انداز مان نہ ڪا ڳالهہ ڪانہ ٿي سمجهي. الائي هوءَ ڪاوڙيل آهي. ڪن نہ-! هوءَ وري بہ ڪجهہ نہ ٿي ڪڇي.
ماٺ ڪري سامهون ڊرائيور جي سامهون لڳل ”اِنورڊ آئيني“ ۾ ٿي ڏسي.

هيڏڙو ننڍڙو آ. پر ڪيئن نه سڄي بس جي مسافرن
جا چهرا آن ۾ نظر ٿا اچن. انهين ڏي جيئن عورت جي
دل ۾ سندس مرد جا عيب ثواب ڏيکاريل هوندا آهن.
هن بس جي مسافرن جيان ڪچا ڪچ پربل، هونءَ نه ته
هرڪا ڏي عورت مجبور ٿي هوندي آهي. مون کي به
اچوڪي ڳالهه کي ڇڏڻو ٿي پوندو. آها ڪا! پهرين ٿوري
آهي. الائي ظفر ڪيترن ڏي سان اڪ ٽيٽ ڪئي هوندي!!
پر هيءَ سڀ ڇا آهي، مون کي ٿي ڇا ويو آ.

هوءَ وري ذهن کي جهٽڪي دريءَ کان ٻاهر ٿي ڏسي
الائي ڪيڏي مهل، بس وري هلڻ شروع ڪيو. هن
سامهون واريءَ جي مڙس ڏانهن ڏٺو. بيحد خاموش ۽
مغرور پئي لڳو.

ايڏو ته سهڻو آهي، پوءِ به ظفر کي ٿي ڏسي. اڪ
ٽيٽ سان، اهڙيون رنون! رب سائين ڪو پڇين.

هن ٻارڙي ڏانهن ڏٺو. جنهن هاڻي فنتا گلاس ۾ لاهي
پيئڻ شروع ڪئي هئي. بوتل شايد، بس هلڻ مهل واپس
ڪري ڇڏي هئائون. گلاس اڃا اڌ هو. هو ڪيڏيءَ
مهل پئي پيو ته ڪيڏيءَ مهل نه! ڪڏهن بيٺو ٿي ته
ڪڏهن ويٺو پئي.

مرد جي منهن تي اڻوڻندڙ تاثر پئي آيريا. مائيءَ
هر هر ٻار کي سنڀاليو ٿي. پر آن سان به عجيب حالت
هئي. ٻارن جي ڪپڙن جي نوڪري سنڀالي يا ٻار. هن
وري اکيون پوري ڇڏيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس لڳو هوءِ ڇو اندرئي اندر ۾ ٺينڊڙ جنگ
وڙهندي هجي. ”هيءَ رن پرچائي ته پار پئي، پوءِ مڙئي
مڙئي اسان کي ڇو ٿي ڏسي؟!!“

هن وري به پرچ کي ٺهڪ ڏئي ڇڏي. الائي ڪئين
لمحا سرڪن ٿا. ٻاهر ڇا ٿو وهي واپري، هوءِ ڏسڻ نه
ٿي چاهي. اڪيون پوريل ئي اٿس. الائي ڪيتري دير ٿان
پوءِ کيس لڳي ٿو ڇڻ هو پهچڻ وارا ئي آهن- هوءِ
دريءَ کان ٻاهر ٿي ڏسي ٻاهر شهري علائقو شروع ٿي
ويو آهي هوءِ پرسان رکيل ڇٻيءَ ۾ سامان کي خيال
سان ٿي ڏسي کيس پهرئين اسٽاپ تي لهڻو آهي. ظفر هن
ڏنهن مرڪي ڏٺو. ريشمان موٽ ۾ مرڪندي سامهون
واريءَ ڌئيءَ کي ڏٺو. هوءِ هن کي ئي ڏسي رهي هئي.
ريشمان کي پنهنجي ڏانهن ڏسندي ڏٺائين ته ڪنڌ ڦيري
ڇڏيائين. ريشمان کي ڄڻ اچڻ لڳا“ اوس ائين نه
ڪيو هجانءِ اڪيا!!

سامهون واري مرد کين ڏسي وچ رستي تي رکيل
بيگ کي پاسيرو ڪرڻ لاءِ جهڪيو سڌس جهڪڻ تي
بيٺل پار جي هٿ مان گلاس ڇڏائجي ويو- گلاس ۾
ٿوري فنتا رهيل هئي- مرد جي ڪلهن وٽ هلڪو
نارنگي رنگ ڇانئجي ويو. هن بيگ کي ڇڏي، مائيءَ
کي گهوريو.

”بيوقوف! روڪيو هيو مانءِ نه، هن مان هٿ نه
ڪيو جانءِ، ڪرائي نه خواري.“ هن جو اهجو نه هو

ڇڻ ڏاڍا ھٺا، جيڪي اڇلايائين ٻئي- ريشمان کي لڳو ۽ ڇڻ ھو ھڪ خوبصورت آتشدان ھجي.

ماڻيءَ جو ڪنڌ جهڪي ويو. ماٺ ڪري ڇٻيءَ مان رومال ڪڍي مرد جي ڪلهي کي صاف ڪرڻ لڳي.
ظفر، ريشمان کي ڏسي، بس ٻيهڻ تي مرڪي ڀريائين لهڻ جو اٿڙو ڪيو. ھوءَ لڳي ته پاڻ ٻيگ ڪٺي سندس ھاٿن وارو ٿيلهو به دانٺس کان ورتائين.

”هلو، سرڪار- هٿن خالي، بار لاھ بندو ٿي ڪافي آهي.“

بس اچا ٻيلي ھئي، ڪجهه مسافر لٿا پئي- ريشمان ٻڙي دريءَ ڏانهن ڏٺو، ٻه ويان عورت هنن ڏانهن ڏسي رهي هئي. ريشمان ڪـي سندس نظرن ۾ الائي ڇا نظر آيو- جو ان ھڪدم ڪنڌ ڦيري ظفر سان ڳڻ هلڻ شروع ڪيو. ڪيس ائين لڳو ڇڻ سندس وجود جي ٿڌي جنگ ان ھڪ نظر سان (Seize-Fire) تي ويئي ھئي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# احساس

ڪنڊيءَ جي لوڙهي، ٻرياں چڻ ماتم متل هو. گوڙ جي ڪري آسمان تقريباً مٿي لسي ڪڇي آيو هو ٻيا تماشائي ٻاهر لوڙهي جي ٻريان ڪلن ۾ ڪيرا لڳا بيا هئا. اندر تاڙيءَ جو ٻڙڪو ۽ گار جو تڙڪو لڳو پيو هو. اها ڪڏڙن جي مڙهي هئي، جنهن ۾ اڄ حاجي خيريءَ ڪڏڙي اچي گوڙ ڪيو هو. گارين سان گڏ هو تاڙيون ٻه وڄائيندو پئي ويو. اندر ٻيا ساٿي هن کي خاموش ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا هئا، پر هو بار بار اڀو ٿي پئي ويو، اصل هٿ ڏي نه پئي آيو.

”اڙي، اهو مارل جو ڦر ملي ته سهي.“ هن وري تاڙي هنئين ”خبر نه ڏيانس ته ڪڏڙي جي مار خبر نه چار، هوندا ماءُ جا لاڏلا، اڙي اسانکي ٿا تنگ ڪن، پيٽيان اسان...“

هن ڪجهه وڌيڪ چوڻ چاهيو، پر نازل هن جي منهن تي هٿ رکي ڇڏيو ”بس ڪر حاجي، هاڻي ڪٿي ٿدو ٿي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڙي پر ماڻ“ هن وري سنئون ڏڏي، پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي. نازل هن کي مضبوطيءَ سان جهليو هو انهي ڪري ويهي رڙيون ڪرڻ لڳو.

”هٽ پيري ڇڏيو ماڻس ته حاجي خيريءَ مان نالو متراڻي، پٺاڻ خان رڪرائينڊس، ملي ته سهي.“

هن وي تاڙي هنئين، پر اوچتو چپ ٿي ويو. سامهون هنن جو گهرو پئي آيو. حاجي هاڻي انهن ڪچي ديئن پٽ ساحل جي اچڻ سان، هرڪو تڙي پکڙي ويو. هو به ماٺ ڪري ويهي رهيو.

ڪدڙن جي اها مڙهي، شهر کان گهڻا سال اڳي ٻاهر وسيل هوندي هئي پر پوءِ آبادي وڌندي وڌندي هنن حدن تائين اچي پهتي هئي. هيٺر به جڏهن هي مڙهي وچ ۾ نه ته ڪنڌ پاسي ٿي هئي، انهي هڙا جهيڙا عام هئا، تقريباً روز ڪونه ڪو ڪدڙو ڪنهن نه ڪنهن سان وڙهي ويهندو هو، پوءِ اهو جهيڙو ڌاڙيءَ جي ڦڙڪي ۽ گارين جي ڏم جي ڪري چوڏس ڪنهن خوشبوءَ وانگر وکيرجي ويندو هو.

مختلف ڪدڙا پنهنجين ڪوئين مان نڪرندا وچ تي اچي گڏ ٿيندا هئا، جتي جهيڙو پيو هلندو هو. پر پوءِ گهڻو ڪري سندن گهر، ساحل جي اچڻ سان هو جهڳڙو ٽري ويندو هو. جهيڙي واريون ڌريون به ڏينهن رٺل هونديون هيون ته ٿئي ڏينهن وري پرچي وينديون هيون،

آخر چڪر جو ڪڏهن ڳڏ ڪندا هئا.

سنڌن چڪر هفتي ۾ ٻه ٿيندا هئا، هڪ خميس تي ٻيو سومر تي. اهو سڄو ڏينهن هو سڀ ڳڏجي شهر جو گشت ڪندا هئا، ۽ شهر وارن کان ”سهراج“ وصول ڪندا هئا، شهر وارا به سائن چڱيءَ طرح واقف هئا. پوءِ ڪٿي پان، ڪٿي پڪوڙا، ڪائيندا پئيندا، هو سڀ پنهنجو پنهنجو ڪرت وٺي ايندا هئا. انهن سڀني ۾ حاجي خيري ڪاوڙ جو تکو هوندو هو. شل نه ڪير ڪڇي، بس پوءِ چنڊن ۾ هٿ هوندا هئا حاجيءَ جا ۽ همراهه هوندو هو چڪرن ۾. سڀ حاجي کان لنوائيندا هئا، مڙهيءَ جو هرڪو زهواسي هن کان ڪن ڪندو هو.

سنڌن مڙهي به عجيب هئي، چئن ئي طرفن تي ذهيل ڪکائون جهوپڙيون موڏيون هيون، هڪ وڏو ميدان هو ۽ بس ليپو لڳل هڪ زهنجڻ جاءِ ۽ ڪاڪوس وغيره هو. هو سڀ پنهنجو پنهنجو ڪاڏو الڳ الڳ رچائيندا هئا، ها چانهن سڀني جي ڳڏ چڙهندي هئي.

اها ٽپهريءَ جي مهل عجيب هوندي هئي، جڏهن هرڪو پنهنجو پنهنجو پيالو کڻي اتي اچي ويهندو هو. سڄ جا پاڇا لڙي چڪا هوندا هئا، اڌ چانو اڌ اس هوندي هئي، ان اڌ چانو ۾ پنجن ڇهن کٽن تي هو ويهندا هئا ۽ هڪڙي الڳ کٽ تي هنن جوڳر سامل ويهندو هو. ڳر جو ڪمرو به الڳ هو، جنهن ۾ هو

اڪيلو رهندو هو نه ته هوتن هر ڪوٺڙيءَ ۾ ٿي ٿي چٽا رهندا هئا.

سنڌ گر طبيعت جو ماڻو هوندو هو. ساملي فقير جي طبيعت رب سائينءَ عجيب خلقي هئي. هو ڪنهن کي ، اڪر ڪونه ڪڇندو هو، هـا، منهن ۾ عجيب رعب هئس. لن ڪري وڙهندڙ بڪ جهڪ ڪدڙ بسم ڪيس ڏسي چپ ٿي ويندا هئا، ۽ اهوئي سبب هو، جو اڄ حاجي اجميري به چپ ٿي ويو هو.

چڪر مهل سنڌ ۾ ٽوليون ٿي ويندڙيون هيون. هڪ ٽوليءَ ۾ حاجي خيري ليڊر جي حيثيت سان هلندو هو. ٻنهي مان هڪ ٽولي ڏکڻ اولهه طرف ته ٻي اتر اوڀر طرف ويندي هئي. گشت مان واپسيءَ تي هو اچي هڪ هوٽل وٽ گڏ ٿيندا هئا جتان پوءِ هـو گڏجي مڙهيءَ ڏانهن موٽندا هئاه اها هوٽل چونڪ جي ڏکڻ طرف هئي، پاسي ۾ شاهي بازار هئي. جيڪا پـڻ ان چونڪ تي اچي ختم ٿيندي هئي.

گهڻو ڪري حاجي خيريءَ وارا چڪر پورو ڪري ان هوٽل واري ڪان چڻهن پيا؛ پـوءِ مـڙهي ڏانهن ويندا هئا، هوتن به سنڌ موٽ شاهي بازار کان ٿيندي هئي. سنڌس چڪر مهل ڪيترائي ٻار کين چيڙائيندا هئا، حاجي خيري پاڻ ته چپ هوندو هو. باقي سنڌس ٻيا ساٿي هوا ۾ هٿ لهرائيندي ۽ ناڙيـون وڄائيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌس پويان ايندا هئا، حاجي پاڻ ته سرخي پاڌوڙر ڪونه ڪندو هو، باقي پهن سپني کي لالي، سرخي ۽ پاڌوڙر خوب ثقيل هوندو هو.

حاجي پٺيان ايندڙ ٻارن جي ڇيڙاڻن جي ذري به پرواهه نه ڪندو هو. پر ڪجهه ڏينهن کان شهر مان آيل هڪ ڇوڪرو سنڌن ڪڍ، ڇڻ هٿ ڌوئي پيو هو، خاص طور تي اشارو حاجيءَ ڏانهن هوندو هئس. هو جيڏانهن جيڏانهن ويندو هو، ڇوڪرو تيڏانهن تيڏانهن ايندو هو. شهري ٻار هو، ان ڪري ڇيڙاڻن به خوب پٺي آيس. بس هن جا نعرا هوندا هئا ۽ ٻرن جون رڙيون. خبر پئي ته اهو مارل جو پٽ هو. اها هڪڙي شريف عورت هئي، پٽ الاهه ڪنهن تي ويو هئس. پٽس جو لاڏلو هو، ۽ هوندن به ماڻهو ان ڳالهه جي ته ڪا پرواهه ئي ڪونه ڪندا آهن ته، ڪدڙا به ڪي انسان آهن، سو ڇوڪرو ڏينهون ڏينهن زور هو. هاڻي ته ٻچو ٻچو سنڌس چيلن ناالا ورجاڻن لڳو هو، ”ٻوڙي کپي يا ڇيڇڙو“ هڪ ٻار ٻچندو هو.

”ڇيڇڙو. ڇيڇڙو.“

۽ اڄ به حاجيءَ کي اهائي ڪاوڙ هئي ته اهو ڇوڪر مون کي هٿ لڳي ته مزو چکايانس.

۽ پوءِ الاءِ ڪيئن هڪ ڏينهن ڳالهين ئي ڳالهين ۾ حاجي الاءِ ڪيئن ڇڻ آڏوٺ تي ويو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هن چوريءَ جو ڳاڙهو وات بند نه ڪيم نه ته“ هن پاسو ورايو ان مهل ڪيترائي ڪدڙا اتي ويٺا هئا، ناڙل، مٽو ۽ جمنو وغيره سڀ حاجيءَ جون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيا هئا.

”جيڪڏهن نه بند ڪري سگهيس ته گر جو قسم هي مڙهي ئي ڇڏي ڏيندس، هڪ وارو رکيو مليم ته ڪن نه بند ڪيانس، ڇپ نه پٽيانس ته حاجي نالو ڪانهيم“ هن گوڏي تي ٿاپ هڻي، ڇن سندس گوڏو ڪو دهل جو سائو پاسو هجي.

سيٺيءَ کي خبر هئي ته حاجي هن مڙهيءَ جو سالن کان رهاڪو آ، مڙهي ڪيئن ڇڏيندو، پر ان چوڪريءَ جون اڄ ڀاڙون پٽيون ۽ ٽيو به ائين، اڄ اهو مارل جو پٽ نيٺ حاجيءَ جي ور چڙهي ويو.

اڇوڪي چڪر ۾ حاجي سيٺيءَ کان پرڀان پٺيءَ آيو، ٻيا ڪدڙا هن کان اڳيئي هئا. مارل جي پٽ کي خبر پئي ته هو وري پنهنجي ڪرت کي لڳي ويو اڄ ته حاجي به سائين گڏ ڪونه هو، هن جا نعرا وڌي ويا.

”ٻوڙي ڪپي يا ڇيچڙو.“ ”ڇيچڙو- ڇيچڙو.“

حاجي ٻوڀان اچن ڪپڙن سان آيو پٺيءَ، اڄ هن رڻو به ڪونه پاتو هو، چوڪريءَ کي خبر ئي نه پئي سگهي هئي. جيستائين ٻيا ٻڌائينس تيستائين حاجيءَ جو هٿ سندس ڳچيءَ ۾ پئجي ويو هو.

”هائي پڊاء، ڇيڇڙو ڪپڻي ڪن ٻوڙي ڏيا .“ حاجي جو لهجو سخت ٿي ويو. هٿ ڪڇي وٽ سخني سان ڪپڻي ويس، ڇوڪري جا ڏوڏا نڪري آيا، ماڻهو پري کان ڏسندا رهيا ڪنهن کي به ويجهو اچڻ جي همت نه ٿي.

نازل ڪڌڙو وري ٻوڙندو آيو.

”ڇڏ حاجي ڇڏ ڇوڪر کي.“ هن لڏندي لمندي چيو، حاجيءَ هٿ ڍرا ڪيا پر ڇڏيائين ڪونه.

”هائي پڊاء موٺا،“ هن هڪ ڌڪ سيني تي هنيو“ اڙي مون سان مستي ڪندو هئين ڪڌڙي سان خبر ڪٿي ڪڌڙي جي مار خبر نه چار. اسان ملنگ، تو اسان کي تپايو. اڄ ته مان ڌڙڪي ڪونه ڇڏيندم.“ هن نازل کي ڌڪي ڇڏيو. ڇوڪري ڪسي ڪنن سان جهلي ڇمات هڻي ني ڦي هو، ڇوڪر ڪان رڙ نڪري وئي.

”ا.ان ڙي، اٿيندي ڪونه ڪندس، بس آتيندي نه ڪندس، اڄ بخش ڪر آئيندي ڪونه ڪندس.“

حاجيءَ وري به نه ڇڏيس، ڪنن مان جهلي ۾ لوڏائي ڏنا هئين ته ڇوري تيسي مان ڇٽي وڌو، ”پنهنجو پٽ هجئي ته پوءِ به ائين ماريس.“

الائي ڪيئن حاجي جا هٿ ڍرا ٿي ويا، منهن ٿي عجيب احساس اچي ويس ڪنن ۾ ڄڻ هوا جهڙا هلڪا لفظ هجن. ”اولاد، پنهنجو اولاد.“

هن جو ڪنڌ جهڪي ويو. جهڪي ڇوڪري جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاڙهي پاڻيءَ کي ڇهي ڏئي ڳراٽڙي پاڻي هليو ويو. ڇوڪري جي جند واهه جي ڇٽي وئي، هرڪو حيران هو ته حاجيءَ هن کي ڇڏيو ڪيئن.

ٻئي ڏينهن صبح جو خبر پئي حاجي خيري مڙهي ڇڏي هليو ويو.

# ٺوڪ

قاسم، ماءُ ڏانهن ڏٺو. ماڻس منجيءَ جي پاسي کي کنجيءَ سان ڇلهي رهي هئي. هُو ٻئي چپ هڻيا، هو مات ڪري پٽ کي ڏسڻ لڳو. منهن گهنجيل هئس، ڪاوڙ اکين مان ڇڻ ٽپا ڏئي نڪرڻ لاءِ آتي هئس. هن پنهنجون اکيون پٽ تان هٽائي، ماءُ تي کپائي ڇڏيون. ماڻس وڏو ساهه کڻي، پنهنجو ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيو. ڦيرائڻ جي باوجود به ڪنڌ جو خم وڏي وٻو هئس.

هن ٺڏو ٺوڪ ڙ هڻندي چيو "پوءِ"

ماڻس مات ڪري ساڳي حالت ۾ ٺــي ويٺي رهي. اکين مان لاچاري ٻکي رهي هئس. قاسم کي ماءُ جي حالت جو ڏکو به احساس نه هو

"امان، مان توهان کي آهيان، آخر ڪيستائين هو ائين بيحيائيءَ جي ٻازار ڪوايو ويٺو هوندو."

"ابا،" ماڻس مس مس ڪڇيو "ڇا ڪيانس. جوان پٽ آهي، ڏاڙهيءَ سان. ڪيئن روڪيانس"

"تون نه روڪيندينس ته مان ڏاڙهي پٽيندو مانس، اها ڪهڙي شرافت آهي، گهر ۾ نياڻيون سياڻيون آهن، ائين تهه ڪندي مزو ٿو اچيس ڇا؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنائين

”ڇو امان، ننڊ نہ ٿي اچو ڇا. هيئر تہ ڪافي ڪاڙهو آهي، ڪمري ۾ وڃين سمهو نہ.“

”ها پٽ، وڃي سمهان ٿي، تنهنجي بہ ننڊ ڦٽي آهي ڇا؟“ هن دل جي طوفان کي لڪائي ڇڏيو.

”نہ امان، هو.... سلما کي اڄ لڳي هئي، پاڻي پيتم تہ سوچيم ان لاءِ بہ کڻي وڃان“ هو ڪجهہ شرمائجي ويو. آخري جملو ڇو تہ الاءِ ڪيئن اڪليو هئائين. گلاس مان پاڻي ڪجهہ ڇلڪي پيو هو. ماڻس مرڪي ڏنو.

هو ماءُ کي ڇڏي ڪمري ڏانهن هليو، در وٽ پهتو تہ ماڻس سڏ ڪيس.

”ناصر“

”جي امان“ هن مڙندي ور ڏنو.

”پٽ.... هو.... سلما کي پاڻي ڏني، ٿورو ٻاهر اچجانءِ تو ۾ هڪ ڪم اٿم“ هن همٿ ڪري چئي ڏنو.

”مون ۾ امان“

”ها، تو ۾“

”چڱو نہ منٽ.“

هو در کولي اندر هليو ويو. هوءَ اتي ئي ويٺي رهي، پٽ جي ڪوڪي ۾ ڏنگيل تسبيح کڻي الله الله پڙهڻ لڳي.

ناصر جي شاديءَ کي اڃان ٽي هفتا کن مس ٿيا هئا. نئين نئين ۽ پسند واري شادي ٿي هئس ان ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زال سان قرب مڙئي گهڻو هئس. رات جو به ويٺا زال مڙس دير تائين پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا ۽ اها ڳالهه وڏي ياٺس قائم کي نه پئي وڻي. هينئر به هن ماءُ سان اهو ئي ڪجهه ويٺي چيو. هوءَ قائم کي ڪجهه ڪونه چئي سگهي هئي، حالانڪ کيس خبر هئي، ته جڏهن هن نئين نئين شادي ڪئي هئي ته چا ڳهتايو هئائين. حقيقت ۾ قائم چالاڪ ماڻهو هو. هو ڳالهندو هو تڏهن به آهستي جيئن ٻاهر آواز نه اچي.

ناصر، ماءُ وٽ اچي زور سان کنگهيو. "امڙ اچي ويو چا ڪو جهوٽو" هو اتي ئي پٽ ۾ ويهي رهيو.

"اتي چو ٿو ويهين، ڪپڙا ڪڻ ٿي ويند ئي، اتي منجهي ڪٺي اچ" هن پٽ کي ٻنهن کان وٺي اٿاريو، ڏاڍو لاڏلو اولاد هئس.

"چڏ امان" هن ٻانهن ڇڏ ئي "اتي ئي چڱو آهيان، ميرا ٿيا ته سلما ڪٿي ڏوئي ڏيندي ٻيو ڇا؟"

"ٻپاڳا، اچا هن جي هٿن جي مينڌي ئي ڪانه سڪي آ ته ماڻ ڪائنس ڪم ڪرائيندس، چڱيون ٿو وايون واتان ڪڍين."

هو وات ڪولي ڪلندو رهيو. وڏا وڏا ٽهڪ پئي ڏنائين، رنگ ڪلڻ جي ڪري ڳاڙهيٽڙو پئي ٿيس. هوءَ مات ڪري پٽ کي ڏسندي رهي.

اوچتو سندس ڪلڻ کي چڻ بريڪ لڳي وئي هجي.

"امان، توهان ڪو ڪم چيو ٿي مون کي."

"ها پٽ، هو...." هوءَ سوچ ۾ پئجي وئي. ڇوانس
نه ڇوانس. ۽ ان مهل اوچتو الاءِ ڪيئن قاسم جي ڪمري
مان ٽهڪن جو آواز آيو هو ۽ جوڻس الاءِ ڪهڙي ڳالهه
تي کلي رهيا هئا. هوءَ ڇرڪجي پئي "ڇاهي ناصر؟"

"ڪجهه، نه امان، هو، ادا ۽ ڀاڄائي ڪنهن ڳالهه تي
کلي رهيا هئا، خير توهان کو ڪم پئي چيو." هو معصوم
نموني سان، ماءُ ڏانهن ڏسي رهيو هو.

هن جي ماءُ ڏانهنس ڏسندي رهي. سندس دل تان
ڄڻ وڏو بار لهي ويو.

ٿڌو ساهه کڻي چيائين "ڪم وري ڪهڙا هوندا پٽ،
توهنجا ٽهڪ ٻڌي ڏينهن ٿي ويا هئم، ان لاءِ گهرايو مانءِ
ته ڪجهه پل مون سان به گذارين، هوئن ته واندڪائي
ئي ڪانهي."

# ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل يادون

مان ڪافي هائوس جو در بند ڪري تو چڙهيان.
ڪڙڪي تي ويٺل مون کي غور سان ڏسن، مان
لنوائيندو ڪنڊ واري ٽيبل تي وڃي ويهان. ذهن
عذابن ۾ گرفتار آهي. مان پاڻ کي هيڪلو تو پائيان.
پريل پڪيل دنيا به جي مون کي اهو احساس ڏياريندي
هجي ته هن جو مون سان ڪو به واسطو نه هجي ۽ جي
مان هن جو ماڻهو پٽ هجان.

بيرو مينو (Menu) ڪنيو بيٺو آهي "آرڊر سر."
منهنجي ذهن ۾ هڪدم تون تي لهي اچين، ها شيري
تون، پنهنجين تمام تر جاودانين سميت، پنهنجين تمام
محبتن ۽ نفرتن سميت ۽ پنهنجين سڀني ادائن سميت
هونئن به مون توکي وساريو ئي ڪڏهن آهي.

"وسي. پاڻ اڄ ڪولڊ ڪافي پيئنداسين" تو بيري
کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي چيو هو.

"چري آهين ڇا. ٻاهر سيءَ انسان ري قلفي ٻڌائي
تو ڇڏي ۽ تون ڪولڊ ڪافي پيئڻ ٿي چاهين."

"ها، بس مان پيئندم" تو ضد ڪيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون زبردستي بيري کي چيو ”نيس ڪافي ڏيو“
”نہ نہ۔ هڪ ڪولڊ“
”نہ۔ بہ نيس“
”نہ هڪ ڪولڊ هڪ نيس“

۽ بيرو ويچارو حيران ٿي ويو هو. ”سر۔ ڪيا لائون؟“ هن کي اسان جا هڪ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيا.

”جاؤ، ديکهتے نهيں ميني کولڊ کافی کهايا هے بس دونوں کولڈ لانا، اسے بهی پيني پڑی گی.“ تہ مون ڏانهن ڏسي وڏي ادا سان بيري کي دڙڪايو هو.

”سر“ بيرو الاءِ ڪڏهن کان بيٺو آهي.
”اوهہ۔ ڪولڊ ڪافي“
سان هن کي آرڊر ڏئي اڪيون پوري ٿو چڏيان.

هتي ايونيو ۾ سيءُ بہ تمام گهٽ آهي. اجهو آتشدان ۾ بيري ڪجهہ پيون ڪاٺيون وڌيون آهن، ڪاٺين جي مٿان صندل پرڪيل آهي، ان ڪري انهن جو دونهون ڏپ نہ ٿو ڪري. ٻاهر رڄ لڳي پئي آهي. رستا ويران آهن. ڪو ڪو ماڻهو ڪيڏي ڪيڏي مهل جڏهن اندر اچڻ لاءِ در کولي ٿو تہ شيشن جي پريان منتظر سيءُ جو جهٽڪو اندر ڏوڪي پوي ٿو ۽ پوءِ ويٺل چڻ سيءَ کان بچڻ لاءِ سڌا ٿي ٿا وڃن. پر پوءِ در بند ٿيڻ ڪري، سيءُ منجهي پوي ٿو، گرميءَ سان مقابلو ڪري نہ ٿو سگهي، ختم ٿي ٿو وڃي. بلڪل ائين جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي نه وڃين، انهيءَ جيئن تو مون کي ڇڏيو، تمام تر محبتن سميت.

"ڪافي سر"

"اوم" مان خيالن ۾ گم هئس. ٽيبل تي پاڻهون اهڙي نموني سان رکيون هئم جو Tea spots رکڻ لاءِ جاءِ ڪونه هئي. چرڪي تو پوان ميز تان پاڻهون کڻي اکين جي اشاري سان مون کي رکڻ جو چئي مان ڪنڌ ڦيرائي دريءَ کان ٻاهر تو ڏسان. Lift chairs بند لڳيون پيون آهن. سيءَ جي ڪري گهڻين ۾ ڪوهيڙو ڇمي ويو آهي، ان حالت ۾ ڪير لفٽ چيئر ۾ چڙهندو.

هتي ڪل پاڻڇاهه چيئرز آهن، ها، ٥٢ نون ۽ مان ٻه ته بلڪل آخري Chair ۾ ويٺا هئاسين نه. هتي ڪو به نمبر نه هوندو آ، ۽ ماڻهو لڪيٽون وٺي اچي قطار ۾ گئلريءَ وٽ بيهندا آهن. لفٽ چيئر بيهندي ڪانهي، بس ان جي اچڻ مهل ماڻهو ڪاٺ جي رستي تي اچي بيهندو آهي ۽ ويجهو اچي ٽپ ڏئي ان ۾ چڙهي پوندو آهي. مون کي ياد آهي ته تنهنجو منهنجو وارو به ته آخري گاڏيءَ تي ئي آيو هو ته نون خوش ٿي هئينءَ.

"يا ته پان 52nd ۾ ويهنداسين يا وري Ist ۾."

تو مرڪيو هو "مومي ماڻرن ڏاسن ۾ ڀهريون ۽ آخري پتو پيڪنگ مهل يڪا هوندا آهن. بس پاڻ به چڻ ته يڪو هٿ ڪري وياسين، ايٽ جو نه ته ڪاري جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڻي.“

”ها، شير. مون ته ايٽ جو ڍڪو هٽ ڪري ورتو آهي.“ مون تنهنجي نازڪ رجود تي نظر وڌي هئي.

”ڪٿي آهي؟“ تو پڇيو هو. ايسٽائين گاڏي اچي وئي هئي، تو چڙهڻ کان پوءِ وري پڇيو هو ۽ مون چيو هو ”هتي، هيٺ، بلڪل منهنجي پاسي ۾.“ ۽ تون شرمائجي وئي هئينءَ.

ان شام تو ان چيٽر ۾ ايٽ ۽ ڪاري جا ٽڪا جدا جدا ڏٺا هئا، ۽ مون توڏانهن غور سان ڏٺو هو ته تو انهن کي دل جي نشان سان ملائي ڇڏيو هو.

”هاڻي ايٽ جي ٽڪي کي ڳاڙهو رنگ ڪيئن ڏيندين؟ تو وٽ ته ڪاري پين آهي“ مون تو کان پڇيو هو.

”ان ٽڪي کي ڳاڙهي رنگ جي ضرورت ناهي، پنهنجا سيئي ٽڪا هڪڙي ئي رنگ جا هوندا، ٺيڪ آهي نه“ تو مون کان پڪ لاءِ پڇيو هو.

مون مرڪي تنهنجي منهن ۾ ڏٺو هو. تنهنجين اکين ۾ ان وقت منهنجو ئي پاڇو هو.

”اڙي، ڪافي ته ائين ئي پئي “

اوچتو هوش ٿو اچي، مان ٻه الاءِ ڪيئن آهيان، ٻيرو مون ڏانهن ٽيڏين اکين سان پيو ڏسي. الاءِ مان ڪيئن ٿو لڳانس. شايد ڪو چريو يا ڪو خبطي. مان

ڪافيءَ جي Mixing ڪري، ٻنڌڙا Sips ڏئو وڌان.
سامهون ويٽل ٽيبل تي جوڙي جي ڇوڪري، ڇوڪري
کان ڪاوڙجي وئي آهي. هو ڪيتر پرچائي پيو پر هوءَ
ڪرسيءَ جو منهن ٻئي پاسي ڦيرائي ويٺي آهي. منهن
کي سجائي، ڏاڍي ادا ماز، ڇوڪري ڏانهن ٽيڏين اکين
سان ڏسي به پئي ۽ هو ته ڇڻ مٿانهنس قربان پيو وڃي.
ڇا ڪجهه ماڻهو به ٽيڏين اکين سان انهن ڏانهن ڏسن
پيا. تون به ته بلڪل ان ڇوڪريءَ وانگر رسي وئي
هئينءَ نه. پر هي ڇوڪري شايد پرچي وڃين. نه، ڪونه
پرچندي، ڇوڪرو جو ايترو پيو پرچائيس. سون به ته
توکي ايترو ئي پرچايو هو پوءِ تون ڪٿان پرتي هئينءَ.

منهنجو پيار سچو هو، سون کي پنهنجي فتح جو
يقين هو، پر ته به الائي ڇو مان هارائي ويس. خبر نه
آهي ڇو تو مونکان اکيون ڦيري وڌيون. توکي هائي
مونکان نفرت ٿيڻ لڳي هئي. پوءِ الاءِ ڪنهن جي ڇرچ
تي، يا ڪنهن ڳالهه تي، تون مون سان گڏ ته هوندي هئينءَ
پر لاچار.

”شيري اڄ فلم تي هلون.“

”نه، اڄ نه. ڪنهن ٻئي پيري.“

”ڇو؟“

”بس، منهنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي.“

”ڇا ٿيو؟“

”ڪجهه نه. ٺيڪ آهيان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا هر ڪنهن گهڻ تي ٺهانا وڌندا ويا. مان وري به توتي اعتبار ڪندو رهيس، ڪهڙي خبر هئي ته تون ماڳ مٽائي چڪي هئينءَ.

هڪ شام مان تنهنجي گهر آيو هئس.

”چاچي، شيري ڪٿي آ.“

”هوءَ، يونيورسٽيءَ کان ڪونه موٽي آ، اچ ويهه.“

چاچي مونکي ڏاڍو پيائيندي هئي؛ مان هن جي پاسي کان ويهي پٽاڪون هڻڻ لڳس، پر ڌيان سڄو ئي توڏانهن هئم. تون ڪار مان لهي رهي هئينءَ. اڇا ڪپڙا توتي ڪيئن نه ٺهڪيا پئي. مان دل ئي دل ۾ اٿندڙ پيار کي دٻائڻ لڳس. مٽان جذبن جو اظهار چهري تي نه اچي وڃي، آخر چاچي به ته اتي ئي ويٺي هئي نه.

تو ڪار مان لهي موڙ ڏانهن ڏٺو هو. مون مرڪيو، ته تو عجب بيزاريءَ سان ڪنڌ ڦيرڊو هو. واپس ڪار جو در کولي ان ۾ وڃي ويٺينءَ، مان هيٺ لهي مس پهتس ته تو ڊرائيور کي الائي ڇا چيو ۽ گاڏي ڌوڪات ڪندي گيٽ مان نڪري وئي.

مون عجب پشيماني محسوس ڪري چاچيءَ ڏانهن ڏٺو هو، هوءَ مون کي عجيب، نگاهن سان ڏسي رهي هئي، ان ڏينهن پنهنجي فرض جو شديد احساس ٿيو هئم ۽ مان چاچيءَ کان موڪلائي ٻاهر هليو آيو هئس.

اوچتو، بيوزڪ جو آواز ٿو پڌان، هڪ ڙي انگريز شايد لڏي ۾ اچي Hotel orches tra سان گانو ڳائڻ شروع ڪيو آ.

ماحول ڪجهه وڌيڪ گرم ٿي ويو آهي. ماڻهو هن جو
گانو شوق سان پيا ٻڌن، مان دريءَ کان ٻاهر ٿو ڏسان،
ڪوهيڙو ڪجهه وڌي ويو آهي، ٻاهر ڪار پارڪنگ
جون ٻتيون ٻرن پيون، اندر آتشدان جي پرسان انگريز
ڳائي پيو، باهه جي شعلن جسي ڪري هن جو گلابي
رنگ وڌيڪ ڳاڙهي رنگ جي شڪل پيو وٺي، ڪڏهن
هو سونهري ٿو ٿئي ته ڪڏهن ڳاڙهو.

هو چئي پيو:

When she was here
by my side
means you just were passing bye
O' time, you are not friend of mine
When she has gone and bird's has flew
now you are crawling like baby's crew
O' time you are not friend of mine
but if you could bring her
back to me
or take her out from my memories
then time you will be a friend of mine.

(تڏهن جڏهن هوءَ مون سان گڏ هئي، تون ڪيترو
نه تکڙو گذرندو هئين، ۽ اڄ جڏهن مان هيڪلو آهيان
ته تون ڪيئن نه ننڍڙن ٻارن وانگر پيو رڙهين. اي وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون منهنجو دوست ناهين. پر جيڪڏهن تون هن ڳڙ واپس آڻين يا مونکي هن جي وسارڻ ۾ مدد ڪرين ته پوءِ تون منهنجو دوست هوندين).

هي انگريز سچ نه چوي ٿو. مان اڪيلو آهيان، ته وقت ڪيتري نه عذاب مان پيو گذري ۽ هن ڇوڪري کي ڇوڪريءَ جي قربت ڪيتري نه ٿوري وقت لاءِ لڳندي هوندي. جيئن مان توسان گڏ هوندو هئس ته وقت ماڪِهين ڊوڙندو ويندو هو.

۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن امان پڌايو ته توهان سڱ ٽوڙي ڇڏيو آهي. ها، ڪچو رشتو هو، ڪهڙو نڪاح ۽ سوا ٽڪ جي حق مهر وارو پڪو مانجهو هو جيڪو نه ٽٽي سگهي ها. مون ڪجهه به ڪونه ڪڇيو، ڇمي به ڇا پئي سگهيس.

اهو ئي سال ڪهڙا سور سليان ها. دل چيو توهان جي گهر اچي چاچيءَ کان پڇان ”ڪهڙو عيب هو مون ۾ جو توهان سڱ ٽوڙيو.“ پر سوچيم مان ڇوڪري آهيان، عيب صرف ڇوڪرين ۾ هوندا آهن. امان ته چاچيءَ کان پڇيو به هو پر هن صرف ايترو چيو ”شيريءَ جي پيءُ جي مرضي ڪانهي ادي، مان ڇا ٿي ڪري سگهان“ امان مجيد صاحب کان پڇڻ چاهيو ته مون روڪي ڇڏيو هانس.

ساوڻي هوا جڏهن وڻن جا پن ڊير ڪري ڪيرائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏالان ڳي پري چڙهندي آهي ته پنن ڳي ڳٽيون ناهي،
اهي گند ۾ ميڙي ڇڏيا آهن.

ان کان پوءِ توکي ايلفيءَ تي ڏٺم، تنهنجو شايد
تنهن جيون ساٿي ٿيڻ وارو هو. هـو ڪو Big shot
پئي لڳو، ڪيڏو نه فرق هو هـن ۾ ۽ مون ۾، هن
مرڪي توکي پاڻهن کان وٺـي دڪان ۾ ڏڪيو هو،
تو ان مهل ڏس الائي ڇا پئي چيو ۽ ان مهل اندر
جي سعيد رڙ ڪئي "موٽي وڃ، متان هوءَ توکي ڏسي
ڪجهه لمحن لاءِ بيزار ٿئي. متان هن جي مرڪندڙ
لمحن ۾ ڪابه گهٽتائي اچي، هتان هليو وڃ، متان به
هوءَ ڏک محسوس ڪري" ۽ دل جي ان شدت سان
چاهيو ڪي ته مان توکي دڪان اندر اچي ويجهو کان
ڏسان، مـن ديڻي پاهران ئي هليو ويس. ڪيڏي ڪيڏي
مهل اسان قربتن هوندي به فاصلن کي الائي ڇو ترجيح
ڏيندا آهيون.

پوءِ مون کان اهو برداشت نه ٿيو ته نهيءَ شهر ۾ ئي
منهنجا ڏٺل خواب، ڪنهن پئي جو تعبير بڻجـي رهيا
هجن، مون ته جدائيءَ جا سبب به پڇيا هرڪو عذاب
مون پاڻ سٺو. دل چيو توسان ملان توکان علاحدگيءَ
جا سبب پڇان، جيڪڏهن مون کي ڇڏڻ ئي هئي ته
پوءِ پيار ڇو ڪيو هيئي. مون سان ساٿ نباهڻ لاءِ ڪجهه
وکون گڏ ڇو کنيون هيئي، پر نه، مان توکي ڪجهه به
نه چئي سگهيو هئس، هئي رهـي نه سگهان ها، ايترو

اعليٰ ظرف تہ هئس ڪو، جو منهنجي دولت ۾ ئي جي هئن ۾ ڏسي بہ مرڪان، اتان بدلي ڪرائـي هيڏانهن هليو آيس. اجنبي ديس ۾، برف پوش وڻن ۾، جتان جي هند هند ۾ توسان گڏ گذاريل گهڙين جا Negative آهن، جن کي مان Positive نہ ٿـو ڪري سگهان، اهو حق تہ صرف ان کي آهي نہ؟ جيڪو توسان گڏ گهمي ۽ توکي حاصل ڪري، ايئن ۽ ڪاري جي پڪن کي رنگن جي ضرورت جو نہ هوندي آهي تنهنجي خيالن موجب...

اوچتو ڪڙڪي سي هوش ۾ ٿو اچان بيرو Tea spots کڻي ٽري ۾ پيو رکي. گانو ڪڏهو ختم ٿـي چڪو آهي. ماڻهو اچان پيا تاڙيون وڄائين. ٻاهر شايد رات پوري لهي آهي. تڏهن تہ اونده وڌي وئي آهي. اندر هال جرڪي پيو. ڇوڪرو ۽ ڇوڪري پرچي ويا آهن. مرڪي پاڻ ۾ ڳالهائن پيا. ڇوڪري، ڇـوڪري سان مرڪي هٿ تي ملائي، شايد هو شرط پيا رکن، اها ڪنهن بہ ڳالهہ تي هجي، منهنجي دل تي چٽي هو؛ شرط نہ رکن هو پيار ڪن تا تہ شرطون نہ رکن چاڪاڻ تہ وري هو جدا ٿي ويندا؛ شرطن جي آڌار تي شڪ جنم وٺندو ۽ پوءِ هرڪو هارايل مون وانگر چپ ڪونہ ڪندو؛ هو گوڙ ضرور ڪندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏٺي لفٽ چيمبر ۾ ويهي لاهه واري جو انتظار ڪندي آهي ۽ جيڪا ايٽ ۽ ڪاري جي ڍڪڻ کي رنگ ڏيڻ جي ضرورت نه محسوس ڪندي آهي. نه مس، مان ايڏانهن اچي نه ٿو سگهان، پنهنجي جنت ڪسي جهنم ڪيئن ڪيان.

اوچتو ڇوڪري هلڪي رڙ ٿي ڪري، ڇوڪري شايد هن کي ٽيبل جي هيٺان پيرن تي پير هنيو آهي هتي ٽيبل دسترخوان سان پوري ڍڪيل آهي ۽ ويٽلن جون ٽنگون نظر نه ايندڙيون آهن. ڇوڪرو هن کي پرچائيندو چوطرف ٿو ڏسي. مان ڪنڌ ڦيري ٿو ڇڏيان، ماحول وڏيڪ ڪوهيڙي ۾ وڃي ويو آهي. ۽ اٿي هليا ٿا وڃن. مان به پرچ ۾ پئسا رکي الاءِ ڇو هنن جي پويان ٻاهر نڪري ٿو اچان، ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ٻئي جينز جي پتلون ۾ آهن، ٻاهر ڪافي ٿڌ آهي، مان هٿ ڪوٽ جي کيسن ۾ وجهي ٿو ڇڏيان، سامهون لفٽ چيمبر ساڪن بيٺي آهي، مان هن جو نمبر ڏسي مايوس ٿي ٿو وڃان، هوءَ ستون نمبر آهي، الاهه ڪيترو پري ٿون پاونجاهين گاڏيءَ ۾ ويٺي هوندين، الاهه خوش هوندين الاءِ نه.

اوچتو هارن ٿو ٻڌان، سامهون اها گاڏي وڃي پئي جنهن ۾ هوٽل وارو جوڙو ويٺو آهي. ڇوڪري، ڇوڪري جي ڪلهي تي آهلجي پئي آهي. گاڏي ٻاهران جي آهي

انڪريانني Sports Noumbers لکيل آهن. 4,93,88،
52. مون کي لڳي ٿو چڻ اهي چيئرز هجن، توکي ڏنڊ
۾ هيٺ لاهيءَ ڏانهن ڪٽي ويندڙ، مون کان پري.... ڏور،
الاهي ڏور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظام عباسيءَ جو ذڪور ڪهاڻين جو مجموعو

# پاڳل منهنجي پريت

مهاڳ- تنوير جوڻيجو

تعارف- نور گهلو

تنقيدي جائزو- عزيز مهرالوي

ڇپائيءَ جي پڄاڙڪن سرحان ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڇاڙي

مان ننڍين ننڍين محبتن جو قائل ناهيان، انسان ڪنهن سان محبت ڪري ته شدتن سان. اها شدت لمحي لمحي جي پڪار هجي. ها، نفرتون ننڍيون ننڍيون ڪجن ڇو جو خدا، بانهي کي پيدا ئي ابدي محبت لاءِ ڪيو آ. اها ٻي ڳالهه آ، ته هو پنهنجي وجود لاءِ خدا پاران عطا ڪيل محبتن کي ٻين لاءِ تبديل ڪري.

مان چاهيندو آهيان، جنهن سان محبت ڪيان، سو مونکي شدت سان چاهي، مونکي Miss ڪري بيحد، گهڻو. ۽ ڪو به جڏهن مونکي چوندو آ، مان توکي بيحد Miss ڪيو آ" ته منهنجي دل چوندي آ، لمحا ٻيهجي وڃن، وقت پنهنجين خراب ٿيل بريڪن کي ٺاهرائي ۽ مان پيلن پنن کي ميڙي وٺان.

— آتم ڪٿا جو هڪ ٽڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل ڪڙندا آهن ته مون کي لڳندو آ ته تنهنجي موٽڻ جا زمانا آيا آهن، ساهه ۾ وري خوشبو رچندي، لمحن جي گڏ گذاريل ۽ جدا ڀوڳيل گهڙين جي.

اها ئي خوشبو آ، ايندڙ ڪٿا ڍير ۾.

# ٿو سنگ، ٿو بن ڏينهڙا

محمود مغل جو ٻيو مجموعو سيني حسرتن ۽ ٻرندڙ ٻيٽن جي تذڪرن سان سٽيل.

ڇپائيءَ هيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

LIFE - BORDERS



پورو نالو: محمود الحسن نور محمد مغل

جنم: ۲۷ آڪٽوبر ۱۹۶۱ع

ستارو: قوس (Sagittarius)

پسنديده رنگ: ناسي، ڪڪوبر، شيب

پسنديده خوشبو: Masculine Two

پسنديده ڳائڻو: Demis Russols

تعليم: ٽيون سال. (ايم. بي. بي. ايس)

ڪمزوري: ميوزڪ، ننڍڙا ٻار، خوبصورت لباس ۽ ساوڻي موسم.

ڪهاڻيون: پهرين ڪهاڻي، تخليق ۽ ڇپيل، آڪٽوبر ۸۷ ڌاري.

ڪل ٻاويهه ڪهاڻيون ڇپيل.

Raza - Sunny رضا - سني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book